

سوامي پريمداس صاحب



شري جلارام ٻاپا

# دادا ليلارام پرسوائيءَ

# جو

# جيون ۽ ڪاريه





دادا ليلارام پرسوائي ڪي شرڌانجلي

پاران

## سنڌو سيوڪ سنگهه

پريمداس جلارام هاسپيٽل

سوامي پريمداس ايلڊرس هوم

سوامي پريمداس سيوا نڪيتن




On the occasion of inaugration of ICCU Unit by sacred Hands of Most Rev. Dada J. P. Vaswani Poona in the year 2002 from left Shri Daulatram, Budhwani Dr. Pradeep Pandya, Dada Lilaram Purswani, Dada J. P. Vaswani, Swami Vasudev Maharaj (In the centre Portrait of Dada T. L. Vaswani, Founder of Sadhu Vaswani Mission Poona.)




On the occasion of Momento Presentation to Dr. Dayal Asha for Noble service for community from Left Shri Gop Rupchandani Swami Vasudev Mahraj, Dr. Dayal Asha Swami Ashoklal Maharaj Dada Lilaram Purswani.

July 17, 1997

**Sindhu Sevak Sangh**
Baroda

## Certificate of Commendation

Your organisation has been selected by the 7th MEU International Volunteer Prizes Selection Committee for recognition as your country's most outstanding volunteer organization. This selection isaccompanied by a cash award of US$ 20,000, which we are pleased to submit to your organization at this time.

We would like to take this opportunity to express our most sincere admiration for the longstanding efforts made by your organization in contributing to the improvment of welfare in the local communities, including the offering of educational and medical services for underprivileged people, and the support for them to participate in social activities.

We extend our wishes for your continued growth and success in future endeavors.

N. Koga
Nobuaki Koga
President
Matsushita Electric Industrial
Workers Union (MEU)
Osaka, Japan



On the Occasion of Bhumi Pujan of Swami Premdas Elders Home from left Dr. Dayal Asha, Ulhasnagar, Dada Lilaram Purswani, H. H. 108 Swami Shanti Prakash Maharaj Ulhasnagar, H. H. Sadhvi Indira Betiji In the year 1986



On the Occasion of Inaugural function of Swami Premdas Elders Home by H. H. 108 Swami Shanti Prakash Maharaj in the Year 1988 from left Dr. Dayal Asha, H.H. 108 Swami Shanti Prakash Maharaj, Dr. Rajendra Rathod - Mayor, Baroda. Dada Lilaram Purswani



Kind visit of Honourable Guest form Left Dada Mangharam Sipahimalani Honorary Chief Editor, Hindustan Daily & Hindwasi Weekly, Bombay, Dada Lilaram Purswani Shri G. V. Moorjani Principal, Ladharam High School, Baroda.



Pujya Swami Morari Bapu Maharaj Blessing Dada Lilaram Purswani

# دادا ليلارام پرسوائي جيون ۽ ڪاريہ
## (ليکن جو مجموعو)


سال : 2006

قيمت : شرڌا ۽ شيوا

پبلشر : سنڌو سيوڪ سنگهہ

C-16، سردار انڊيوسترز استيٽ،

آجوا روڊ، بڙودا- 390 019.

فون : 2560577-3294474

E-mail : pjh93@hotmail.com
E-mail : info@premdasjalaram.org
Wbsite : www.premdasjalaram.org

پرنٽر : مهالڪشمي پرنٽنگ سروس

گڻيش نگر، مها نگر جي ويجهو،

ڊيوئي روڊ، بڙودا- 390 004.



From Left Dr. Pradeep K. Pandya Supt. Premdas Jalaram Hospital Shri Lilaram Purswani Founder Trustee, Premdas Jalaram Hospital Shri Gop Rupchandani Guest from Ulhasnagar, Dr. Dayal Asha Chief Guest from Ulhasnagar, Shri Rajuram Maharaj, Swami Vasdev Maharaj, Swami Ashoklal Maharaj, Shri Manohar L. Purswani Trustee.



From Left Shri Santkumar Purswani, Shri Basantkumar Purswani, Dada Lilaram Purswani Most Rev. Dada J. P. Vaswani, Shri Dinesh V. Modiani, Shri Parsha Khimyani

# سلسلو

# Life & Work of Dada Lilaram Purswani

Year : 2006

Price : Sharadha and Shewa

Publisher : Sindhu Sevak Sangh
C-16, Sardar Ind. Estate,
Ajwa Road, Baroda-390 019.
Phone : 2560377 - 3294474
E-mail : pjh93@hotmail.com
E-mail : info@premdasjalaram.org
Wbsite : www.premdasjalaram.org

Printer : Mahalaxmi printing Service
Ganesh Nagar, Near Maha Nagar,
Dabhoi Road, Baroda-390 004.
Phone : 2581841


# سمپادڪيم

ڪجهہ عرصو اڳہ ڪرم يوڳي دادا ليلارام پرسواڻي جن جي سپتر شري منوهرلال سان ملاقات ٿي. هن ڀاءُ اِن صادق جذبي جو اِظهار ڪيو تہ سندس پتا، جن پنهنجو سمورو جيون غريبن ۽ گهرجائن جي شيوا ۾ لڳايو، ڇو نہ اُنهن جي جيون ۽ ڪاريہ تي هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪجي، جنهن کي پڙهي شيوا ڀاوي شخص، خاص ڪري نئين ٽهي پريرڻا پراپت ڪري ۽ پنهنجو جيون دادا ليلارام پرسواڻي جن وانگر سماج شيوا ۾ لڳائي جس پراپت ڪري.

مون کي ڀاءُ منوهرلال جو پرستاءُ وڻيو ۽ مون ڪيس اِن سندر ڪاريہ ۾ پورن سهيوگہ ۽ مدد جي خاطري ڏني.

ڀاءُ منوهرلال بہ دادا ليلارام جن جي نقش قدمن تي هلي تن، من ۽ ڌن سان مانوَ جاتيءَ جي، خاص ڪري سنڌي جاتيءَ جي شيوا ڪري رهيو آهي. اُنهن جي اِن ڪاريہ کان متاثر ٿي مان بہ ڀاءُ منوهر سان گڏجي جنبي ويس دادا جن جي جيون ۽ ڪاريہ بابت ساهتيہ سهيڙڻ ۾. دادا جن جي جيڪي قريب هئا اُنهن مان ڪن سان روبرو گڏجي ۽ ڪن کي خطن معرفت وينتي ڪئي ويئي. سڀ اونائي قرب ڪري اُنهن دادا ليلارام جن بابت ليکہ لکي موڪليا آهن.

هن ڪتاب ۾ سنڌي، گجراتي ۽ انگريزي ٽي ڀاڱہ ڏنا ويا آهن. آيل ليکن کي جوڳي جاءِ ڏني ويئي آهي. دادا جن جي جيوتي جوت سمائجڻ کان پوءِ جيڪي شوڪ پرستاءَ ۽ شرڌانجليون آيون، اُنهن کي بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.



هي پيلو هي انترجامي، هي گهٽ گهٽ واسي

هي پيتم پاوڻ، هي سرشٽ ڪرتا، هي سنڌيالو

هي سدا ڪرپالو، توئن اسان سڀني کي سمت ڏي

ننڍين ٻارن تي هلائي، توئن اسان رهبر ٿين، توئن اسان

جو رهنما ٿين.

هي پرڀو، سوئي ڪارج جو تنهنجو پاوي
موهه مايا ٽپ علجي نه آوي
هنجهن پالڪ تهنجو مهرما ٿي
پرڀو آپي پيٽ نڪائي.

ميري ماتا پتا هر لئيا، ڪرڪرپا موت پالڻ لاءِ گاڏوٽ تيرا ڪرايا

جيڪا حيثيت تيري ڪي ڏاري ڏوري هاٿ سمجها ري

جو ڪرائي سو ڪرها نانڪ داس تيري ڪي ميرٿ.

چرنن جو داس
ليلو

جن ليڪن، مترن ۽ شرڌالن دادا جن جي جيون ۽ ڪاريہ بابت ليکہ لکي موڪليا آهن اُنهن سڀني جا دليان شڪرانا بجا آڻيون ٿا. جن سنستائن، اِسڪولن، منڊلن ۽ اَئسوسيئشنس دادا جن جي ديهانت تي شوڪ پرستاءَ ۽ شرڌانجليون موڪليون، اُنهن سڀني جا ٿورائتا آهيون.

شڪر گذار آهيون مهالڪشمي پرنٽنگہ سروس جي مالڪ ڀاءُ ڀڳوان جا جنهن هن ڪتاب کي ڇپي ٿوهان جي ڪرڪملن تائين پهچايو آهي.

ڊاڪٽر پرديپ پنڊيا گجراتي ۽ انگريزيءَ جا پروف چيڪ ڪرڻ ۾ دلچسپي ۽ شرڌا سان ڪاريہ ڪيو اُن جا دل و جان سان ٿورا مڃون ٿا. ڀاءُ منوهر پرسواڻيءَ ڪيرون لهڻيون، جنهن هن ساتوڪ ۽ روحاني ڪاريہ لاءِ شروع کان آخر تائين سِڪ، شرڌا ۽ لگن سان ڪاريہ ڪيو.

پرنسيپال وي. ڪي. ڪوها، جن هن سمپادڪيہ جو گجراتيءَ ۾ ڀاو-انواد ڪيو آهي، اُنهن جا دليان شڪرانا بجا آڻيون ٿا.

هن سمپادڪيہ جو ليکڪ هي بندو (جِي. وي. مورجاڻي) فقط نمت ماتر آهي، جنهن هن ايشوري ڪاريہ ۾ سهيوگہ ڏيئي دادا ليلارام پرسواڻي جن ڏانهن پنهنجي شرڌا ۽ عزت جو اِظهار ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ جيڪي سُنايون نظر اچن اُهي سڀ گرديو پوج پريمداس ۽ دادا ليلارام جن جي آسيس جو نتيجو آهن ۽ جيڪي بہ ڪميون نظر اچن اُهي سڀ اسانجون آهن.

پرنسيپال جِي. وي. مورجاڻي

دادا ليلارام پرسواڻي جي نالي کان ڪير واقف ڪونهي؟ دادا جن تعليمدان هئا، اُديوگپتي هئا، سماج سيوڪ هئا، روحاني رهبر هئا، ٻڍڙن جي ڪيترين سنستائن سان جڙيل هئا، شيوا جا پُتلا هئا، نمرتا جي مورت هئا، سنڌين جو شان هئا، املهہ رتن هئا. اهڙي مهان ڪرم يوگي ۽ روحاني رهبر جي جيون ۽ ڪاريہ بابت ساهتيہ سهيڙڻ ۽ ڇپائي پڌرو ڪرڻ ۾ بيحد خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو آهي.

مون کي پورڻ وشواس آهي تہ هي ڪتاب پڙهڻ سان پاٺڪن جي دل ۾ مانوَ شيوا جو وڏيڪ جذبو پيدا ٿيندو ۽ هو شيوا جي ڏس ۾ اڳي کان وڏيڪ شيوا ڪرڻ جو نشچو ڪندا.

دادا آگيا ڪاري شش هئا، شيوا ڌاري پُت هئا، پراتري ڀاوَ سان ڀريل ڀراتا هئا، ڪومل هرديہ پتا هئا، همدرد مالڪ هئا. سندن گونا گون شخصيت جي جهلڪ هن ڪتاب ۾ ڏنل فوٽن مان بخوبي ملي ٿي. ڪتاب کي وڏيڪ روحاني بڻائڻ لاءِ ۽ دائما سانڍي رکڻ لاءِ هن ۾ سکمني صاحب جو سماويش ڪيو ويو آهي.

دادا جن کي سوامي پريمداس جهڙا سمرٿ گرو پراپت ٿيا، جن کين نہ فقط روحاني رنگ ۾ رڱيو پر شيوا جي ساگر ۾ بہ تڙڳڻ سيکاريو. سوامي پريمداس جن جي دنيوي چولو ڇڏڻ کان پوءِ سوامي واسديو مهراج ۽ سندن سپتر شري دنيش ڪمار ۽ شري سندر لال سندن روحاني ڪاريہ کي ستسنگ، ڀڄن ۽ شيوا ڪارين معرفت چار چنڊ لڳايا آهن. مان اُن گُرُ گاديءَ کي سِڪ ۽ شرڌا، ادب ۽ نياز سان پرڻام ڪريان ٿو.

سياڻن جو چوڻ آهي - خوشامد کان پري رهجي پر شُڪرگذاري مڃڻ ۽ قدرشناسي ڪرڻ ماڻهوءَ جو مَرڪ آهي.

# پوتر ياد ۾



سرڳواسي شري ساڌورام
ڪنٽمل پرسواڻي



سرڳواسي شريمتي چيتنا
ساڌورام پرسواڻي


* وڇڙيا آهيو پر وِسريا نہ آهيو.
* توهانجون ڏنل سکيائون اسان لاءِ پريرڻا آهي.
* توهان جي ياد اسان لاءِ طاقت آهي.

شيوا ۾ :-

شري سنتڪمار ساڌورام پرسواڻي (سپتر)
شريمتي لتا سنتڪمار پرسواڻي (ننهن)
شري سُنيل سنتڪمار پرسواڻي (پوٽو)
شريمتي انيتا سُنيل پرسواڻي (پوٽي زال)
شري مڪيش سنتڪمار پرسواڻي (پوٽو)
شريمتي نمرتا مڪيشلال پرسواڻي (پوٽي زال)
شريمتي پوجا شاملال بِنواڻي (پوٽي)
شري ڪرپالداس ساڌورام پرسواڻي (سپتر)
شريمتي ريڪا ڪرپالداس پرسواڻي (ننهن)
شريمتي ريشما مهيش ڪمار موٽواڻي (پوٽي)
شري ڪمليش ڪرپالداس پرسواڻي (پوٽو)
شريمتي مينگهنا ڪمليش پرسواڻي (پوٽي زال)
شري گريس ڪرپالداس پرسواڻي (پوٽو)
شري موهنلال ساڌورام پرسواڻي (سپتر)
شريمتي پارتي موهنلال پرسواڻي (ننهن)
شري راجيش موهنلال پرسواڻي (پوٽو)
شريمتي پومي راجيش پرسواڻي (پوٽي)
شري مهيندر موهنلال پرسواڻي (پوٽي)

شري پريداس ساڌورام پرسواڻي (سپتر)
شريمتي سپنا پريداس پرسواڻي (ننهن)
شريمتي ديوي پرڪاش لال ڪنياڻي (ڌيءُ)
شريمتي موهني رميش لال هاسانداڻي (ڌيءُ)
شريمتي پدما رامچند مولچنداڻي (ڌيءُ)
شريمتي شوپا موهنلال ڦيرواڻي (ڌيءُ)

# پوتر ياد ۾



سرڳواسي شري ليلارام
جمتعراءِ پرسواڻي



سرڳواسي شريمتي ڪرشنا
ليلارام پرسواڻي

* توهان جي آسيس اسان جو ٻل آهي.
* توهان جو شيوا - ڪاريہ اسان لاءِ پريرڻا آهي.
* توهان جو جيون اسان لاءِ روشن منار آهي.

شيوا ۾ :-

شري بسنتڪمار ليلارام پرسواڻي (سپتر)
شريمتي شانتا بسنتڪمار پرسواڻي (ننهن)
شري ديپڪ بسنتڪمار پرسواڻي (پوٽو)
شريمتي ڪرونا ديپڪ ڪمار پرسواڻي (پوٽي زال)
شريمتي تارا مهيش ڪمار ڇڄلاڻي (پوٽي)
شريمتي شيلا دليپ ڪمار ڪُڪريجا (پوٽي)
شريمتي جيوتي انيلڪمار چاهڙيا (پوٽي)

شري منوهرلال ليلارام پرسواڻي (سپتر)
شريمتي آشا منوهرلال پرسواڻي (ننهن)
شري جڳديش منوهرلال پرسواڻي (پوٽو)
شريمتي پونم جڳديش پرسواڻي (پوٽي زال)
شريمتي نينا راجڪمار پارداساڻي (پوٽي)
سرڳواسي شريمتي سکي ڀڳوانداس ٿهلياڻي (ڌيءُ)
شريمتي ميران هريرام چاولا (ڌيءُ)
ڪماري گوپي ليلارام پرسواڻي (ڌيءُ)

# نشڪام نشناوان ڪرم يوڳي دادا ليلارام پرسواڻي

**ـ ڊاڪٽر ديال ”آشا“**

سنسار جي رنگ منچ تي هرڪو پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندو رهي ٿو. ڪي ڪي منش اهڙو تہ لاثاني پارٽ ڪن ٿا جو سندس ستڪرمن جي سرهاڻ چوڌاري ڦهلجي وڃي ٿي. دادا ليلارام پرسواڻي اهڙي هستي هو جنهن پنهنجو جيون سمرڻ ۽ شيوا ۾ سڦل ڪيو. هو سادگيءَ جي صورت ۽ محبت جي مورت هئا. سندن جيون هئي ارپڻم جي جيون. هو صاحب خدا ترس رچ مڙس هو. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد ۽ همدردي هوندي هئي، انڪري هوُ آجيون سمرپن ڀاوَ سان شيوا ڪندا رهيا. ٻين کي خوش ڪرڻ ۾ ئي هو آنند جو انڀو ڪندا هئا. سندن ڪرم يوڳي جيون پريرڻا جو سرچشمو ٿي رهندو.

هن صاحب جيڪي بہ خلق خدمت جا ڪاريہ ڪيا سي گرديو ارپڻم. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کين سنيه سنمان ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ پياري پنهنجي گرو سوامي پريمداس مهاراجن نالي ورڌ آشرم، اسپتال ۽ سيوا نڪيتن برپا ڪري گرو ڀڳتيءَ جو ثبوت ڏنو آهي ۽ پاڻ کي لڪل رکيو آهي. دادا جشن واسواڻي بہ هن پياري جي قدرشناسي ڪندا هئا.

پياري دادا ليلارام پرسواڻيءَ جو جنم ۵ آڪٽوبر سنہ ۱۹۲۰ع ۾ شري جعميتراءِ پرسواڻيءَ جي گهر سنڌ جي ڏوڪري اتهاسڪ شهر ۾ ٿيو. هن پرائمري تعليم اُتي ئي ورتي ۽ فائينل امتحان پاس ڪري ماستري ڪئي. هن صاحب حيدرآباد جي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ ٽي سال سکيا ورتي ۽ گرداسمل هاءِ

# شري ليلارام پرسواڻي

هن پياري سچڻ ست پرش جو جنم 1920-10-5 تي سنڌ جي ڏوڪري ڳوٺ ۾ شري جمعتراءِ جي گهر ۾ ٿئي ٿو. بالڪپڻي کان هي پيارو شرڻ وني ٿو گرديو سوامي پريمداس جن جي. هرهڪ ڪاريہ ڪري ٿو گرديو جي آگيا وني. سنتن جي سنگہ ۾ رهي هن پياري ۾ اچي ٿي نوڙت، نماڻائي، سادگي ۽ نرمل پوتر خيال. سنڌ ۾ .B.A تائين تعليم حاصل ڪري ٿو. ورهاڱي ٿيڻ تي پنهنجي ننڍي پراڻا شري ساڌورام ۽ ڪٽنب پريوار سان هندستان اچي ٿو، تي سپنا پاڻ سان ڪٽي. هي پيارو چوي ٿو، مان جتي هجان اُتي مون سان گڏ هجن هڪ گرديو، ٻيو شيوا ڪاريہ ۽ ٽيون ڪٽنب پريوار. گرديو سندس ٿيئي مرادون پورن ڪري ٿو. وڏن ڪارخانن سان گڏ وري هن جي روم روم ۾ هو نام سُمرن ۽ نشڪام شيوا، مسڪينن، بيمارن، محتاجن ۽ سماج جي. پنهنجي ساري زندگي اَرپڻ ڪري ٿو اُنهن ڪارين ۾.

هن پياري جي سچي جيون جي سچي ڪمائي جيڪا اَڄ بہ موجود آهي اُها آهي ”سوامي پريمداس سيوا نڪيتن“، ”سوامي پريمداس ٻڍا آشرم“ ۽ ”سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل“.

اَهڙي نشڪام پراُپڪاري، ڪرم يوگي ۽ سنت پرش کي وارون وار نمسڪار.

سوامي پريمداس ٽلها دربار، ٻڙودا.

ڏيڻ جو ڪاريه آرنڀ ڪيو. نياڻين لاءِ ناري شالا، ڀائرن لاءِ مفت پستڪاليه ۽ ريڊنگ روم شروع ڪيو. هن وقت سوامي پريمداس سيوا نڪيتن جي سهاري ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريه ٻڙودا ۾ هلي رهيا آهن. سوامي پريمداس سنت جلارام هاسپيٽل، جتي تمام رعايتي چارجز سان بيمارن جو علاج ڪيو ويندو آهي. اکين جا آپريشن تہ مفت ڪيا ويندا آهن. بيمارن کي سنت جلارام ٽرسٽ طرفان ڪاڌو به ڏنو ويندو آهي. ان اسپتال ۾ دادا ليلارام جدا جدا بيمارين جي علاج لاءِ الڳ الڳ وياڳ کولي ٻڙودا نواسين لاءِ سهوليتون ميسر ڪيون آهن، انٽينسويونٽ بہ آهي تہ سٽي اسڪرين سونوگرافي وغيره جو بہ بندوبست آهي.

ٻڍڙن جي سيوا ۽ سهوليت لاءِ، سندن زندگي سکمیہ بڻائڻ لاءِ دادا ليلارام سوامي پريمداس ٻڍا آشرم برپا ڪيو، جنهن جو مهورت سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪيو. ٻڍڙن کي سهوليتون ميسر آهن. هنن کان رعايتي چارجز ورتيون وينديون آهن. سيوا نڪيتن طرفان هر مهيني گهرجائو سفيد پوش ڀينرن ڀائرن کي اَن ڌن جي مدد ڪئي ويندي آهي. اناٿ اپاهج ٻارن جي سار لڌي ويندي آهي، آميريڪا جي هڪ سنسٿا دادا ليلارام پرسواٽيءَ جي شيوا ڪارين جي قدرشناسي ڪندي کيس ٧ لکہ روپيا انعام ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. دادا پاڻ وديش وڃي ڪين سگهيا سندس سپتر بسنت ۽ منوهرلعل کي اهو پرسڪار ڏنو ويو. دادا اِهي سٽ لکہ سيوا نڪيتن کي شيوا ڪاريہ لاءِ ارپڻ ڪيا. انهن شيوا ڪارين ۾ سوامي پريمداس مهاراج جا گادي نشين سوامي واسديو مهاراج سندس سپتر دنيش ڪمار، پيارو سندرلعل ۽ دادا ليلارام جا سپتر منوهر ۽ بسنت ڪمار ۽ پورو پريوار يوگدان ڏيندو رهيو. هن صاحب

اسڪول ۾ پڙهائي پاس ڪيو. سندس سوپا گيه هو جو تيرهن سالن جي عمر ۾ ڪيس سوامي پريمداس مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. سوامي پريمداس سنڌ جي پرسڌ ٽلهي آستان وارا مهنت هئا، پر سد سد نماڻا ۽ ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ ڀنل. اهڙن سنتن جي ديا درشٽي پياري ليلارام پرسواٽيءَ تي ٿي.

سنتن جو سنگ جيون کي تاري،
ڀو ساگر مان پار اُڪاري.

سوامي پريمداس مهاراج پياري ليلارام کي پاڻ سان گڏ هردوار، برندابن، ۽ ٻين تيرٿ آستانن تي وٺي ويا. ستگرن جي سنگ ۽ شيوا ۾ پياري شري ليلارام جي جيون ۾ سمرڻ ۽ شيوا جي جوت جڳي. شري ليلارام مهاتما گانڌيءَ جي جيون مان بہ پرڀاوت ٿيو، ان ڪري کاديءَ جي پوشاڪ پهريندو هو ۽ گانڌيجيءَ جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏنائين. ماستري ڪندي هي صاحب وديارٿين ۾ ست سنسڪارن جو سنچار ڪندو رهيو. هڪ آدرشي اڌياپڪ جي زندگي گذاريندي هن ڪيترن وديارٿين جي رهنمائي ڪئي. هي صاحب سنہ ١٩٥٨ع تائين هيڊ ماستر ٿي رهيو. گهر گرهست ۾ رهندي هن گرديو سوامي پريمداس مهاراجن جي صدق سان شيوا ڪئي. هن عليگڙه يونيورسٽيءَ مان بي. اي. پاس ڪئي. ديش جي ورهاڱي بعد هي صاحب پريوار سهت پهرين موتي ڪئمپ، بڙودا ۽ پوءِ بڙودا جي وارشيا ڪالونيءَ ۾ اچي رهيو.

شري ليلارام دکين دريدرن جي شيوا لاءِ وارشيا ڪالونيءَ ۾ سوامي پريمداس جن جي آسيس سان غريب شيوا منڊل برپا ڪيو. سنہ ١٩٦٦ع ۾ هن سوامي پريمداس سيوا نڪيتن برپا ڪيو. انهن سنستائن دواران هن سفيد پوش پينرن کي اَن ڏن جي سهائتا

ڳالهائڻ جو ڏانوَ ڏنو هو. هوُ صاحب جڏهن جپان ويو تہ هن اُتان موٽي ”جپان سئر“ پستڪ لکيائين. سندن لکڻيءَ ۾ سلاست هئي. هي معلوماتي سفرنامو قابل ذڪر آهي.

دادا جن داس کي خوب سنيه ۽ سنمان ڏيندا هئا. هوُ منهنجا ڏاڍا قدردان هئا. هوُ مون کان عمر ۾ وڏا هئا پر ڏاڍي نمرتا ۽ مريادا سان ڳالهائيندا هئا. هوُ سنسار ۾ ڪمل جي گل جيان نرليپ رهيا.

دکين جا دلدار، مسڪينن محتاجن جا مددگار غمگينن جا غم گسار دادا ليلارام پرسواڻي ٨٣ ورهين جي عمر ۾ منگل ٢٩ جولاءِ سنہ ٢٠٠٣ع ۾ شام جو ڇهين بجي سنساري سفر پورو ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندا رهيا. هوُ صاحب پڇاڙيءَ جي پهر تائين شيوا ڪارين ۾ سڪريہ رهيا. گرديو سوامي پريمداس مهاراجن جي آسيس، سنت واسديو مهاراج جي سونهپ ۽ آسيس سنت دنيش ڪمار، سنت سندرلعل جي سهيوگہ سان دادا ليلارام صاحب جا سپتر بسنتڪمار ۽ منوهرلعل پوجيہ پتاجن جي شيوا ڪارين جي جڳايل جوت جڳائيندا رهندا. سندن برپا ڪيل شيوا ڪيندر سندن امر يادگر ٿي رهندا.

پريوار جي پالنا لاءِ ڪارخانو کولي سپٽرن کي نپايو. دادا ليلارام جي ست ويچارن جو پرڀاءُ سندس پريوار تي ظاهر ظهور آهي. روز صبوح جو سندس گھر ۾ نيمت ڪيرتن پرارٿنا ٿيندي آهي. سندس پٽ پوٽا ۽ نونهر سيوا لاءِ سدا حاضر هوندا آهن. هن بڙودا ڪارپوريشن کان نھراءُ پاس ڪرائي سوامي پريمداس نگر ۽ سوامي پريمداس چؤنڪ نالا رکيا.

دادا ليلارام بڙودا جي ڪيترين ئي سماجڪ ۽ تعليمي سنسٿائن سان جڙيل رهيو. سنه ۱۹۷۷ع کان هي پيارو جي. اين. وي. هاءِ اسڪول جي چيئرمن تي رهيو. بلائينڊ ويل فيئر ائسوسيئشن، نئشنل ائسوسيئشن آف بلائينڊ ۽ ٻين ڪن سنسٿائن جو چيئرمن تي شيوا ڪندو رهيو. سرڪار ڪيس ڪن ڪاميٽين تي پڻ نامزد ڪيو.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي سنٻنڌ سبب پياري دادا ليلارام سان ٻه سالن کان داس جو سنيه سنٻنڌ رهيو. هوُ صاحب هر سال گرديو جو جنمندن اُتسوُ ۽ سيوا نڪيتن جي وارشڪ اُتسوُ ۾ داس کي گھرائي سنيه ۽ سنمان ڏيندو هو. داس کان عمر ۾ وڏو هوندي ڪيڏي مريادا ۽ پيار سان ورتاءُ ڪندو هو! هو صاحب شيوا جي صورت ۽ محبت جي مورت هو. سندس جيون پريرٽا جو سر چشمو ٿي رهندي.

دادا ليلارام پرسواٿي وهنوار سان ٻه پورو رهيو ۽ پرمارٿ ۾ پورو رهيو. هن صاحب پنهنجي سنتان ۾ ٻه شڀ سنسڪارن جا ٻج ڇٽيا. سندن گھر ۾ روز صبوح جو پھرين سندن نونهر سپٽر پوٽا پوٽيون ڀڳتي ڀاونا وارا گيت ڳائي گروءَ کي ارداس ڪري گھر ۽ وهنوار جو ڪاريه شروع ڪندا آهن. دادا ليلارام کي پريوءَ لڪڻ ۽

دادا گهٽن کي پنهنجي رنگ ۾ رنگيو. دادا جن جي شيوا کان متاثر ٿي گهٽائي هن پنڌ جا پانڌيئڙا بڻيا.

اهڙي شيوا جي بيک ڏاريءَ، نهنائيءَ جي پتلي جو جنم ۵ آڪٽوبر ۱۹۲۰ع ۾ شري جعميتراءِ پرسواڻيءَ جي گهر ڏوڪري شهر ۾ ٿيو. پرالبڌ جي ڪرمن ڪري ڪين تيرهن سالن جي عمر ۾ سوامي پريمداس جهڙا سمرٿ گرو پراپت ٿيا. دادا جن فائينل امتحان پاس ڪري ماستري جو پوتر پيشو اختيار ڪيو. هڪ آدرش استاد جي روپ ۾ هنن شاگردن ۾ سنا سنسڪار وڌا. پوءِ عليگڑه يونيورسٽيءَ مان بي. اي. پاس ڪئي. ۱۹۹۴۸ع تائين هيڊ ماستر ٿي رهيا.

دادا جن هڪ مهان پرش، سچا ڪرم يوگي ۽ پريو پريمي هئا. سڀ کان مٿي هوُ گرو ڀڳت هئا. اهو سندن گرو ڀڳتيءَ جو پرتاپ هو جو هنن ڏين ڏکين جي شيوا لاءِ بڙودا ۾ ۱۹۶۶ سوامي سيوا نڪيتن جي شروعات ڪئي. ۱۹۸۸ ۾ سوامي پريمداس ورڌ آشرم جو پايو وڌو. ۱۹۹۳ ۾ سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل جو بنياد وڌو. ٻين شيوائن سان گڏ هر سال مفت تپاس ڪئمپ لڳائي ويندي آهي. جهڙوڪ اکين جي موتئي جا آپريشن نيترمٽيءَ سوڌو مفت ڪيا ويندا آهن ۽ اکين جي چشمي جو نمبر مفت ڪڍي معمولي قيمت تي چشمو ڏنو ويندو آهي. ان کان سواءِ اِسترين جي بيمارين، ڏندن جي بيمارين جي ۽ جنرل سرجن طرفان مفت تپاس ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ ڪافي انداز ۾ ماڻهو ان جو لاڀ وٺندا آهن.

ان کان سواءِ غريبن مسڪينن جي شيوا ڪئي ويندي آهي. انهن کي مقرر سيڌو سامان ڏنو ويندو آهي.

ورڌ آشرم ۾ سيني بزرگن جي رسوئي جي شيوا ڪئي ويندي آهي. جيڪي ڪوڙه ۾ مبتلا آهن، انهن کي قرب سان

# ڪرم يوگي دادا ليلارام پرسواڻي

— پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي

جي گهڙيا سي چڙهيا، اصل ائين آه،
گهڙئين پيارا گهيڙ ۾، ڪانه ڪيئه پرواه،
ٿيو ڏنئه ٿيي ڏنئه، شيوا جي درياه،
صدقي ڪئيه ساه، چا گهوريان دادا تو مٿان.

دادا ليلارام پرسواڻيءَ جي جيون ۽ ڪاريه تي سوچڻ ويه ته سمرتين جو درياه ٿو ڇلڪي وهي. دادا اهو داتا هو جنان هر گُهرجائو جي گُهر پوري ٿيندي هئي. پدارٿي توڙي پرمارٿي، سماجڪ توڙي سياسي، پاريوارڪ توڙي پاڙيوارن جي دڪه سکه ۾ دادا هر هنڌ ڏيئي شريڪ ٿيندو هو.

شيوا دادا جن جو ڪرم هو، ڌرم هو. شيوا ڪندي دادا نهنائي جا مجسم بڻجي پيا، پريوءَ جي ويجهو ويا. هنن دکين، لاچار، محتاجن، وڌوائن، ٻڍڙن جي سکه خاطر پنهنجو سکه قربان ڪيو. هنن پاڻ ڪشت سهي ٻين کي راحت ڏني. هنن جو عقيدو هو، ”تنيءَ ٿڌيءَ ڪاه ڪانهي ويل وهڻ جي.“

. قلم هٿ ۾ ڪنيم. سوچيم ”منهنجو دادا“ پر دل آواز ڏنو. دادا ته سڀني سندو هو. ڀلي هن وقت بدني طور اسان کي نظر نٿو اچي پر اسين سندس نگاهن کان پري ڪونه آهيون. هو هر وقت هر پل اسان سان ساڻ رهي اسان جي رهبري ڪري رهيو آهي. جيڪي جيو اسانجي بلڪل ويجهو هوندا آهن انهن جي اصلي پرکه اسان کي گهٽ پوندي آهي. اسان جو دادا هڪ مهان انسان هو. جنهن پراون کي پنهنجو ڪيو.

دادا سنڌي جاتيءَ جو امله رتن هو.

# انسانيت جو پوڄاري-نمرتا جي مورت
# شري ليلارام پرسواڻي

ـ ڊاڪٽر چيتو لالو اڻي

جنم ۽ مؤت جي مفاصلي کي جيون سڏيو وڃي ٿو. جيون جي اِن لنبي ياترا ۾ انيڪ شخص، خوشيون، غميون، آزمودا ملن جن مان ڪي پل ۽ شخص امريادگار بڻجي وڃن ٿا. جن کي وقت جي دز بہ متائي، دبائي نٿي سگهي. اُهي پل ۽ شخص ذهن ۾ سدائين قائم دائم رهن ٿا ۽ وقت پئي ياد ڪندي ذهن کي سڪون بخشن ٿا. اهڙن امريادگار شخصن مان نشناوان، گانڌيوادي ويچاروان شري ليلارام پرسواڻي هڪ آهي جنهن جي پهرين ملاقات پاڻ ڏانهن چقمق جيان مقناطيسي اثر ۾ اڄ ڏينهن تائين پڪڙي رکيو آهي. اُهو ستر-ايڪهتر جو سال هو. مان گجرات سنڌي چيمبر آف ڪامرس ائنڊ انڊسٽري احمدآباد ۾ آفيس سيڪريٽري طور نوڪري ڪندو هوس. چيمبر جي آفيس سارنگپور ڪوٺني رانگہ ۾ هئي. سرڳواسي اڳوڻو گجرات راجيہ منتري شري وشنداس موتياڻي ۽ گجرات جي واپارين، ڪارخانيدارن، دڪاندارن، پيڊين وارن، پيشي ور (پروفيشنل) وڪيل، چارٽرڊ اڪائونٽن، انجنيرن وغيره کي ڪٺو ڪري، هڪ سنگهٺن جوڙيو هو. گجرات سنڌي چيمبر نالي ۽ اُن جا پريزيڊنٽ پاڻ هئا. هن سنستا جا گجرات ڀر جا ميمبر هئا. ساليانو چندو هر سال ميمبرن وٽان ڪٺو ڪيو ويندو هو.

منهنجي مٿان جوابداري رکيل هئي تہ مان هر شهر مان چندا ڪٺا ڪرڻ وڃان. چيمبر جا جدا جدا شهرن جا ڪاروباري

ڪاڏو ڪارايو ويندو آهي. اسپتال ۾ سيني مريضن ۾ ميوو ورهايو ويندو آهي. دادا جو ٨٥ جنم ڏن ١٥ آڪٽوبر ٢٠٠٢ تي آهي. شل سندس آسيس اسان سيني تي چمڪندي رهي. دادا جن جي شيوا جا ڪاريہ ڪنهن ڪان ڳجها آهن ۽ دادا جن سان گڏ جيڪي ڀلائي جا ڪم ڪندا هئا اُنهن کي دادا چوندا هئا.

ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڀڳوان توکي ڏيندو.

لوڪ شيوا دادا جن جي نس نس ۾ سمايل هئي. نشڪام شيوا تہ ڪير دادا جن ڪان سکي. غريبن، ٻڍن، وڌوائن، دکين جو هو مددگار ۽ خدمتگار هو. دادا جن ٻڙودا جي ڪيترين ئي سنستائن سان جڙيل هئا ١٩٧٧ ڪان هو آئونرام (پوءِ جي. اين. وي. هاءِ) اسڪول جا مئنيجنگہ ٽرسٽي ٿي رهيا. سرڪار بہ هنن کي ڪيترين ڪامٽين تي ڪنيو. دادا جن تعليمدان هئا، اُديوگپتي هئا، سماج سيوڪ هئا، روحاني رهبر هئا. چوندا هئا.

خدمت ڪر خلق جي پاند ٻڌچيءَ ۾ پائي.

٨٣ ورهين جي عمر تائين اُتساه، اُمنگہ ۽ اورچائيءَ سان شيوا جا ڪاريہ ڪندا رهيا.

مان اهڙي اوچ پوتر آتما، ڪرم يوگي مهاپرش کي بار بار نمسڪار ڪريان ٿو. دادا جن جا سپتر، پوٽا ۽ پڙپوٽا دادا جن جي شيوا جي جوت قائم رکندا ايندا، اِها شڀ ڪامنا ٿو پرگهٽ ڪريان.

دادا! تنهنجي پريم ۽ شيوا جي عينڪ اکين تي چاڙهي هيٺ متي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريم-چا ڏسان تہ ذرو ذرو تنهنجي درشن جي آرسي بڻيو بينو آهي.

جئہ پريو - جئہ گرديو - جئہ دادا ليلارام

آڪٽوبر 2004

***

چيو، ”دادا مان چيمبر جي ڪم سان آيو آهيان، اُهو پوري ڪري شام جو سورت وڃڻو آهي.“ چيائين، ”تون چنتا نہ ڪر ڪم بہ ٿيندو ۽ تون سورت بہ پهچندين“ پوءِ مان آرام ڪرڻ مٿي روم ۾ ويس.

شام جو جڏهن هيٺ لٿس، دادا جن پنهنجي هڪ ڪرمچاريءَ کي چيو، ”جن دڪاندارن چندا ڏنا آهن اُهي لالواڻيءَ کي ۽ باقي رسيدون لالواڻيءَ کان وٺي، ڪئشيئر کان پئسا وٺي ڏڄ.“

عجب ۾ پئجي ويس مون کي دادا جن آرام ڪرائي، سمورو ڪم ڪرائي ڇڏيو. مون دادا جن جا شڪرانا مڃيا ۽ هنن جي ڪم ڪرڻ جي ڏانوَ، جوابداريءَ ۽ واپارين جي دادا جن جي ساک ۽ وشواس کي سلام ڪيم.

بعد ۾ دادا جن سان وقتي چيمبر جي ڪاريہ، بڙودا جي سنڌين جي مسئلن، پدماوتي چوغان ۾ پڪو مارڪيٽ ٺهرائڻ جي سلسلي، آل انڊيا سنڌي چيمبر آف ڪامرس جي استاپنا گجرات سنڌي ٽيليفون ڊائريڪٽري جوڙڻ جي ڪاريہ، گجرات جي پهرين سنڌي واپاري سميلن، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا ممبئيءَ جي سنڌي سميلنن، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاڊميءَ جي جدا جدا سيپتڪ ڪاريہ ڪرمن، اجلاسن، ناٽڪن، اُتسوَن، راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي جدا جدا ڪاريہ ڪرمن، سنڌي ٻولي تعليمي جوڙجڪي ڏينهن سماروهہ ۽ ٻين انيڪ موقعن تي دادا جن سان ملاقاتون ٿينديون رهيون. سدائين هنن جا آشيرواد مليا ۽ پٽن جهڙو پيار نصيب ٿيو.

دادا جن پروپڪاري، شيواڌاري، سماج سيوڪ، گانڌي وادي ويچاروان، سنڌيت پريمي، تياڳي، نشٺاوان سياستدان،

پڻ مقرر ڪيل هئا جن سان بڙودا مان شري ليلارام پرسواڻي چيمبر جا ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر نامزد ٿيل هئا. چيمبر جي ڪاروباري ميمبر جي ناتي شري ليلارام سان لهه وچڙ هئي. فون تي رابطو به ٿيندو هو جو بڙودا جي سنڌي واپارين، ڪارخانيدارن جا مسئلا دور ڪرڻ لاءِ شري ليلارام جن ڪوششون وٺندا هئا ۽ چيمبر کي به ڄاڻ ڏيندا هئا.

چيمبر جي ڪاريه جي سلسلي ۾ جڏهن ته بڙودي ۾ اُن وقت ڏيڍسو کن ميمبر هئا، مان چندا ڪٺا ڪرڻ بڙودا آيس. اچڻ جي ڄاڻ مون شري ليلارام جن کي اڳواٽ ڏئي ڇڏي هئي. هنن سڌو پنهنجي آفيس ۾ اچڻ لاءِ چاڻايو. مان مقرر تاريخ، وقت تي چيمبر جي ميمبرن جي لسٽ کڻي دادا ليلارام پرسواڻيءَ جي آفيس پرتاپ بنگلو، فتيه پورا تي پهتس. منهنجي سامهون هڪ نماڻو، نهٺو، سانتيڪو، مٺو ڳالهائيندڙ، ڇهري تي مشڪ، ڪادي ٽوپي، لينگهو، جهڀو پهريل قداور شخص بيٺو هو جو شري ليلارام پرسواڻي ئي هو. هن پنهنجائپ سان مون کي پنهنجي پر ۾ وهاريو ۽ ڇوڪري کي بسڪيٽ-پاڻي ۽ چانهه کڻي اچڻ لاءِ چيو. جيتوڻيڪ اُن وقت دادا جن سان گڏ ڪي واپاري ۽ معزز شخص ويٺا هئا. پر دادا مون سان حالي احوالي ٿيا. اِها دادا جن سان منهنجي پهرين ملاقات هئي. مون جهڙي ننڍڙي جيتامڙي شخص سان هنن پنهنجائپ، عزت سان ڳالهائڻ، لاثاني وهنوار ۽ ڏنل مهمانوازيءَ جا اُهي پل مان اڄ تائين وساري نه سگهيو آهيان. اُهي خوشگوار، پنهنجائپ، مڌر واڻيءَ وارا پل اڄ به ياد آهن، سدائين ياد رهندا. چانهه، ناشتي کان پوءِ دادا جن چيو، ”پٽ! تون سفر ڪري آيو آهين، مٿي وڃي ڪجهه آرام ڪر.“ مون

# مهان ڪرم يوگي داداشري ليلارام پرسواڻي

ـــ منوهر پرسواڻي

”ماڻهو مڙيئي نہ سهڻا، پڪي مڙيئي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.“

اهڙي سادگيءَ جي صورت نماڻي مورت هئا اسانجا دادا جن، (پيار سان سڀيئي انهن کي داداجي ڪري سڏيندا هئا.) چوندا هئا تہ غريبن ۽ دکين جي شيوا ئي پريوءَ جي شيوا ۽ ڀڳتي آهي. "Service of poor is worship of God"

دادا جن پنهنجي گرهست جيون سان گڏ اِنساني شيوا ڪرڻ سڀ ڪنهن کي سکہ ڏيڻ وغيره ئي زندگيءَ جو هڪ مقصد هجي اهڙي محڪم اِرادي سان شيوا ڪاريہ شروع ڪيا.

پياري دادا جن جو جنم ۵ آڪٽوبر ۱۹۲۰ع ۾ شري جعميتراءِ پرسواڻيءَ جي گهر ڏوڪريءَ ۾ ٿيو. دادا پرائمري تعليم اُتي ئي پراپت ڪئي ۽ فائينل امتحان پاس ڪري ماستري ڪئي. داداجن حيدرآباد جي ٽيچرس ٽرينگہ ڪاليج ۾ ۳ سال سکيا ورتي ۽ گرداسمل هاءِ اسڪول ۾ پڻ اپياس ڪيو. سدياگيہ سان انهن کي تيرهن سالن جي ننڍي عمر ۾ سائين پريمداس مهراج ستگروُ جي روپ ۾ پراپت ٿيا. جن دادا جن جي سڄي زندگي ڦلدائڪ بڻائي. ”منا ٻولڻ نِو چلڻ، هٿون بہ ڪجهہ دي.“ سائين پريمداس جي منن وچنن تي دادا جيون ڀر عمل ڪيو ۽ دکين دريدرن جي شيوا ڪئي ۽ دنيا ۾ هڪ مثال قائم ڪيو.

دادا جن جيڪي بہ شيوا جا ڪاريہ ڪيا آهن سڀيئي پنهنجي گرديو سوامي پريمداس صاحب جي نمتِ ڪيا ۽ پنهنجي گرويڀڳتيءَ جو ثبوت ڏنو آهي.

ڪانگريس جا بر ک ڪاريہ ڪرتا، مدبر دوررانديش، نڊر ۽ آدرش بر ک ڪارخانيدار هئا. سماج جي هر طبقي جي رهنمائي ڪئي، سنڌين کي حق وٺڻ لاءِ لڙت ڏني. هنن ساهتيڪ، سيپتڪ، سماجڪ، تعليمي سنستائن ۾ اوچ عهدا ماڻيا. هنن جا بڙودا ۾ برپا ڪيل امر يادگار آهن پريمداس جلارام هاسپيٽل، سوامي پريمداس ايلڊرس هوم، سوامي پريمداس سيوا نڪيتن، سوامي پريمداس پستڪاليہ، سوامي پريمداس نگر، جي. اين. وي. هاءِ اسڪول.

دادا جن سنڌيت جا شيدائي هئا. سنڌي ساهتيہ، ڪلا، سنسڪرتيءَ جي وڪاس لاءِ هنن خوب ڪاريہ ڪيو. سنڌي مائٽ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين اهڙيون ڪوششون ورتيون.

دانوير، شيوا جا مسجم، ڌارمڪ ويچار وان، سنڌين جا املهہ رتن سدائين ياد آهن. سدا حيات آهن. سدائين سنڌين جي دامن تي ياد رهندا. اهڙين شپ ڪامنائن سان.



پريرڻا سان ١٩٩٣ع ۾ سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل جي شروعات ٿي. هن هاسپيٽل ۾ الڳ بيمارين جي علاج لاءِ الڳ الڳ وياڳ کولي بڙودا نواسين لاءِ تمام واجبي اگهه تي علاج جون سهوليتون ميسر ڪيون ويئون آهن. هن هاسپيٽل ۾ سونوگرافي، ايڪسري، ڊينٽل، ڪڊني ڊاياليسز ۽ سٽي اسڪئن جهڙا وياڳ شروع ڪيا ويا آهن.

دادا جن نيم ۽ شيوا جي ڪارين جا تمام پڪا هوندا هئا. پنهنجي ڪريا ڪري پرڻايام ڪندا هئا. پوءِ ڀڳتيءَ ۾ رهندا هئا. صبوح جو چانهه پي روز پند ڪرڻ ويندا هئا. پنهنجي گر دربار ۾ گروءَ وٽ آسيس وٺندا هئا. اِهو نِت نيم دادا سڄي زندگي پاليو. ٨٣ ورهين جي عمر تائين دادا هر روز اِسپتال کي سڄو وقت ڏيندا هئا. اسپتال کي ڪيئن وڌائجي ۽ ڪمن جا فيصلا وغيره دادا جن هاسپيٽل جي سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر پرديپ پنڊيا جي صلاح سان ڪندا هئا.

دادا جن کي شيوا جو اتساهه ۽ اُمنگ اهڙو هو جيئن ڪنهن ٢٠ سالن جو جوان پنهنجي لاءِ ڪو ڪم ڪندو هجي.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ڊاڪٽر ديال آشا ٢٨ اپريل تي گرديو جي جنم دن تي سڄي خلق جي سامهون تقرير ڪندي چيو ته دادا جو جنم ٥ آڪٽوبر ڌام ڌوم سان ملهايو وڃي ۽ ڪيڪ ڪٽايو ۽ دادا جن جو ان ڏينهن تي سواگت وغيره ڪيو. پروگرام پورو ٿيڻ تي دادا ڊاڪٽر آشا کي شيش جهڪائي چيو ته اسان سيوا جي لاءِ آهيون. سواگت ۽ جنم دن ملهائڻ لاءِ نه ۽ هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته مهرباني ڪري اِن ڳالهه جو ذڪر نه ڪن.

مون کي ياد آهي ته دادا جن پنهنجو جنم دن شيوا ۽ ڀڳتيءَ ۾ گذاريندا هئا. انهن جو سڪمني صاحب ۾ گهڻو وشواس

گرديو سوامي پريمداس جي آشيرواد سان ١٩٦٦ع ۾ دکين دريدرن جي شيوا لاءِ وارشيا ڪالونيءَ ۾ ”سوامي پريمداس سيوا نڪيتن“ جي شروعات ٿي. جتي اڄ ڪيترين ئي سفيد پوش ڀينرن ۽ ڀائرن ۽ وڌوائن کي اناج، سيڌو ڪپڙو وغيره ڏنو وڃي ٿو. ننڍڙين کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ سيوڻ ڪلاس، ڀائرن لاءِ مفت لئبرري ۽ ڪاليجي ٻارن لاءِ ڪاليج بوڪس لئبرري بہ آهي. هن سنستا طرفان استما جي مريضن لاءِ سال ۾ آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر مهني جي پونم جي ڏينهن تي مفت ڪئمپ لڳائي وڃي ٿي جتي گجرات، مهاراشٽر ۽ مڌيہ پرديش جا بيمار پڻ فائدو وٺن ٿا. گذريل ٽن، چئن سال کان هيءَ سنستا نہ صرف ٻڙودا پر ساگر، بلاسپور، چکر ڀاٽا، ڀوساول، ڀالا گهاٽ ۾ پڻ استما ڪئمپ لڳائي وڃي ٿي.

ٻڍڙن جي سيوائن ۽ سهوليت لاءِ ١٩٨٨ع ۾ سوامي شانتي پرڪاش مهراج جن جي شڀ هٿن سان ”سوامي پريمداس ورڌ آشرم“ جو ڀومي پوڄن ڪرايو ۽ دادا جشن واسواڻي جي شڀ هٿن سان مهورت ڪرايو. جتي ٻڍڙن جي زندگيءَ جو آخري پهر سک ۽ شانتيءَ سان گذري. هتي رهندڙن کي ٽائيم سڦلو ڪرڻ لاءِ .T.V، ٽيپ رڪارڊ، لئبرري، اِنڊور گيمس ۽ سندر باغيچو وغيره جون سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون ويئون آهن. هتي رهندڙ سڀيئي صبح ۽ شام جو ڀڄن ۽ آرتي ڪن ٿا. هڪ ٻئي سان ملي جهلي پيار سان رهن ٿا.

دادا جن هڪ دفعي سپني ۾ ڏٺو تہ هڪ سندر اسپتال هجي جتي بيمارن لاءِ سڀ سهوليتون هجن. جتي سٺيون مشينون ۽ وڏا ڊاڪٽر هجن. جتي ڏکئي ۾ ڏکئي بيمارين جو علاج پڻ ٿئي. ان

# دادا ليلارام پرسواڻي

— اُڌارام گولاڻي

ڪيلاس واسي مربي دادا ليلارام پرسواڻي سچو ڪرم يوگي هو. هن ساري جيون سماج شيوا ۾ ارپڻ ڪئي. غريبن جي شيوا پربوءَ جي شيوا آهي. هن پنهنجي ساري جيون انهيءَ سڌانت تي گذاري.

دادا ليلارام جو جنم ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي سنڌ (پاڪستان) ۾ ٿيو. پنهنجو اڀياس پورو ڪري سنڌ ۾ هيڊ ماستر ٿيا. ننڍي هوندي کان سندن تي سنگرو سوامي پريمداس صاحب ٿلهي وارن سنتن جي اپار ڪرپا تي ۽ هو سندن شيوا ۾ مگن رهندا هئا. ٿلهي دربار سنڌ ۾ تمام مشهور دربار هوندي هئي. هن دربار ۾ ڪيترا ساڌو ۽ سنت هار مونيم، طبلي ۽ ٻين ڪيترين سکيائن جي ساڌنا ڪندا هئا. سادي جيون ۽ اوچ آدرش سندن جيون جو اُديش هو. ساري زندگي سادي کاديءَ جي ڊريس پائيندا هئا.

پاڪستان ڇڏڻ کان پوءِ پنهنجي سنگرو سوامي پريمداس صاحب سان گڏ بڙودي رهڻ جو مڪام ٿيو. سنگروءَ جي آسيس سان ۽ اُنهن جي رهنمائي ۾ غريبن جي شيوا ۾ لڳي ويا. غريب وڌوائن ۽ گهرجائن لاءِ هڪ ناري شالا کوليائون. انهيءَ ناري شالا بڙودي جي چوٿين ڪلاس ملازمن جون يونيفارمس هن ناري شالا ۾ سبيون هيون ۽ انهن ۾ ڪيترن غريب وڌوائن ۽ گهرجائو ماتائن کي روٽي روزي ملندي هئي. غريب وڌوائن ۽ گهرجائو ماتائن کي هر مهني اناج جي به سهائتا ڪندا هئا.

وديارٿين کي ڪاليج ۽ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ تڪليف نه ٿئي نه انهيءَ لاءِ هڪ Reading Library کوليائون. ميڊيڪل ۽ انجنيرنگ

هو اُن ڏينهن تي پاڻ ۽ گهر جا ڀيا ڀاتي سڄي سکمني پڙهندا آهن ۽ کنهن آشرم يا کوڙهين جي بستيءَ ۾ ٻارڙن کي مٺائي روٽي کارائي يا سورداسن جي آشرم ۾ ڦل ۽ مٺائي کارائي انهن جون آسيسون پراپت ڪري پنهنجو جنم دن ملهائيندا هئا. هن سال بہ ٥ آڪتوبر تي سندن جنم دن تي صبح جو سويل اُٿي سندن نيم مطابق گهر جا سڀيئي ڀاتي سکمنيءَ جو پاٺ ڪري گهر ۾ ستسنگہ ڪري دربار ۾ ارداس ڪرائي ٻارڙن کي ناشتو ۽ چاڪليٽ وغيره ڏنا ويندا. پوءِ کوڙهين جي بستيءَ ۾ ٻارڙن ۽ ٻڍا آشرم ۾ رهندڙن کي روٽي کارائي دادا لاءِ آسيس ونداسين. دادا جن جي پريرڻا سان اُنهن جي شروع ڪيل شڀ ڪارين کي، اسين ٻار، پريم ۽ لگن سان اڳتي وڌايون ۽ دادا جن جون آسيسون پايون.

”اڄ ياد اچن ٿيون دادا جن جون باتيون،
شيوا جي لگن، اُتساهہ ۽ اُمنگہ،
نہ ڏٺائين ڏينهن، نہ ڏٺائين راتيون.“



# دادا ليلارام پرسوائڻي

— ڊاڪٽر ايڇ. جي. ڪرمچنداڻي

ڀائو ليلارام سان پاڪستان اچڻ کان پوءِ جلد واقفيت ٿي. ان وقت مان آئوٽرام ڪئمپ ۾ سرڪاري ڊاڪٽر هوس ۽ پاڻ ان وقت موتي نگر ڪئمپ ۾ رهندا هئا. جا آئوٽرام ڪئمپ جي پرسان هئي. جيئن ته موتي نگر ڪئمپ به مون کي سنڀالڻي هئي. ان ڪري اتي روز بيمارن کي ڏسڻ وڃڻو پوندو هو. سندس نهٺو، پيار ڀريو سڀاءُ جلد پاڻ ڏانهن ڇڪي ڇڏيو. جڏهن گڏبا هئاسين ته سماج ۽ تعليم جي باري ۾ صلاح مصلحت ڪندا هئاسين.

سنت بابا پريمداس صاحب جن جي آگيا سان شيوا نڪيتن شروع ڪيائين. جيئن ۾ غريب وڌوائن کي هر قسم جي مدد شروع ڪيائون. جيئن پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ۽ زندگي سهڻي نموني گذاري سگهن. سنتن جي آگيا سان ٻڍا آشرم شروع ڪيائون. جيئن وڏن جي شيوا ڪري. وڏن جي پڇاڙيءَ جي زندگي سٺي نموني گذاري. پوءِ ويچار ٿين ته اسپتال کولي بيمارن جي شيوا ڪريان. ان ڪري ڪاريه شروع ڪيائون جيئن ٿوري خرچ ۾ سيني بيمارن جي هر قسم جو علاج ٿي سگهي. غريب وڌوائن جي نياڻين جي شاديءَ لاءِ سبڻ جي مشين لاءِ مدد شروع ڪيائين جيئن پنهنجي پيرن تي بيهن ۽ ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ڊگهيڙن. تعليم جي کيتر ۾ اڳرا رهيا ۽ ڪيترا سال .G.N.V اسڪول جا پريزيڊنٽ ٿي رهيا ۽ پڇاڙيءَ تائين اسڪول جي شيوا ڪندا رهيا. سندن شيوائون وسارڻ جهڙيون نه آهن.

ٻين به ڪيترن سنستائن جا پريزيڊنٽ ٿي رهيا. ۽ پڇاڙيءَ تائين شيوا ڏيندا رهيا. پر جيئن ته ڪرم يوگي هئا ان ڪري سڏانت هون شيوا ڪرڻ. سندن يادگيري سدائين دل ۾ رهندي.

۾ ڪتاب جيڪي مهانگا ٿيندا آهن انهن کي اهي ڪتابن جا سيٽ ڏيندا هئا. ساڳئي طرح اسڪولي شاگردن کي بہ ڪتابن جا سيٽ ڏيندا هئا.

تعليم سان سندن اڻوٽ سنبنڌ هوندو هو. ڪيترا سال سنڌ ايڊيوڪيشنل سوسائٽي بڙودا جا پرمک رهيا ۽ سندن ايامڪاريءَ ۾ G.N.V. High School تمام سٺي پرگتي ڪئي. سردار اُديوگ نگر بڙودي ۾ پهريون خانگي اُديوگ نگر آهي. سردار اُديوگ نگر جا هو صاحب ڪيترا سال پرمک ٿي رهيا ۽ اُديوگ نگر تمام گهڻي پرگتي ڪئي.

سمال ڪاٽيج انڊسٽريز فيڊريشن جا هو صاحب ڪيترا سال پرمک ٿي رهيا. هن صاحب جي ڪوشش سان گجرات راجيہ جو ان وقت مانيہ مکيہ منتري شري ماڌو سنگھ سولنڪي سردار اُديوگ نگر ۾ پڌاريو ۽ ڪيتريون سهوليتون اُديوگ جڳت کي وٺي ڏنائون.

ٻڍڙن جي رهڻ لاءِ هڪ ٻڍا آشرم برپا ڪيائون هن ٻڍا آشرم ۾ ٻڍڙن لاءِ هڪ سندر آدرش ٻڍا آشرم آهي. آشرم ۾ .T.V، لئبرري ۽ ڪيتريون لايدائڪ سهوليتون آهن.

غريبن جي شيوا لاءِ دادا ليلارام پرسواڻي هڪ اسپتال سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل برپا ڪئي. هن هاسپيٽل ۾ سيني دکن لاءِ نيون جديد مشينون آهن. هيءَ اسپتال بڙودي شهر ۾ اوير طرف لاءِ تمام سک دائڪ ثابت ٿي آهي. هن اسپتال ۾ مريضن لاءِ چارجس ٻين اسپتالن کان گهٽ آهن. هي اسپتال دادا ليلارام جي هڪ اموليہ ڀيٽا آهي. رات ڏينهن هن شيوا ۾ رهندا هئا.

دادا ليلارام پرسواڻيءَ سان منهنجو ٥٠ سالن کان گهاٽو سنبنڌ هو. دادا ليلارام جي سرڳواس پڌارجڻ ڪري بڙودي جي سنڌي سماج ۾ وڏو خال پئدا ٿيو آهي جو پرجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سنڌس سينٽر شري بسنت ڪمار ۽ منوهرلال سنڌس ڪاريہ کي اڳتي وڌائيندا رهن ٿا.

گانڌيءَ جو اثر هو. تنهن ڪري دادا جي کاديءَ جي پوشاڪ پهريندا هئا ۽ گانڌيجيءَ جي سکيائن کي پنهنجي جيون ۾ اُتاريائون.

''کادي جي وڳي ۾ ڍڪيل هو سرير،
نہ هو سنت مهاتما پر هو نماڻو شيوڪ ڀڳت.''

هن صاحب عليڳڙهہ يونيورسٽي مان بي. اي. پاس ڪئي. دادا هڪ آدرشي اَڌياپڪ طريقي وديارٿين ۾ ست سنسڪار جو سنچار ڪندو رهيو ۽ وديارٿين جي رهنمائي بہ ڪئي. هي صاحب سنہ ١٩٣٨ع تائين هيڊ ماستر ٿي رهيو. گهر گهرهسٿ ۾ هوندي بہ دادا جن سوامي پريمداس مهاراجن جي صدق سان شيوا ڪئي. ورهاڱي بعد پنهنجي پريوار سهت پهرين موتي ڪئمپ بڙودا ۾ اچي رهيو. هن صاحب ۽ سندس پريوار سخت محنت ڪئي ۽ خوشحال بڻيا. هن صاحب سخت محنت ڪري لڳن ۽ ايمانداري سان سنڌي سماج جو خاص ڪري بڙودا جي ماڻهن جو پايو بڻيو. هن پنهنجي ڌن ۽ خوشحاليءَ جو اُپيوگہ غريبن ۽ گهرجائن کي مدد ڪرڻ لاءِ ڪيو. هن جو هميشه اهو وشواس هو تہ ''غريبن جي مدد اِها اِيشور جي ڀڳتي آهي.''

سنہ ١٩٧٧ع کان هي پيارو ''جي. اين. وي. اسڪول'' جو چيئرمن ٿي رهيو. جنهن وقت درميان دادا اسڪول کي اوچ ڪوٽيءَ تي آڻڻ لاءِ ۽ اڳرو بڻائڻ لاءِ ويهن ئي ننهن جو زور لڳايو. دادا صاحب بلائيند ويل فيئر ائسوسيئشن، نئشنل ائسوسيئشن آف بلائينڊ ۽ ٻين ڪيترين ئي سنسٿائن جو چئرمن ٿي شيوا ڪندو رهيو. دادا شري ليلارام دين دکين جي شيوا ۾ پنهنجو سڄو جيون اَرپڻ ڪري ڇڏيو. دادا دکين ۽ دردين جي جي شيوا لاءِ وارشيا

# منهنجو مٺڙو پيارو دادا ليلارام پرسواڻي

ـ ڪماري تلسي ڪي. نوتاڻي

سنڌي سماج جو نهٺو، نماڻو نشڪام بزرگ شيوڪ، دادا ليلارام پرسواڻي! اسين ڪير جو مٿس قلم آزمايون؟ پر ساگر به ڪڏهن گاگر ۾ سمائجي سگهيو! سندس هڪ هڪ گفتو پوئي ڪٺي هار ٺاهجي. دادا ليلارام سچو شيوڪ ۽ قوم جو نشڪام خدمتگار هو. هن صاحب ٿي سنڌي جاتيءَ جي سڪاني ڪئي.

پياري دادا ليلارام پرسواڻي جو جنم ٥ آڪٽوبر سنه ١٩٢٠ع ۾ شري جعميتراءِ پرسواڻيءَ جي گهر سنڌ جي ڏوڪري اِتهاسڪ شهر ۾ ٿيو هو. هن پرائمري تعليم اُتي ئي ورتي ۽ فائينل امتحان پاس ڪري ماستري ڪئي. هن صاحب حيدرآباد جي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ ٽي سال تعليم ورتي ۽ گرداسمل هاءِ اسڪول ۾ پڻ ايياس ڪيو. دادا جن جو سوڀاڳيه هو جو تيرهن سالن جي عمر ۾ ڪيس سوامي پريمداس مهراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. سوامي پريمداس سد سد نماڻا ۽ ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ ڀنل. اهڙن سنتن جي ديا درشٽي پياري ليلارام پرسواڻيءَ تي ٿي، چوندا آهن.

سنتن جو سنگ جيون ڪي تاري،
ڀو ساگر مان پار اُڪاري.

سنتن جي سنگ پياري دادا ليلارام جي من ۾ شيوا جي اُتم جوت جاڳائي. دادا ستگرو ”جي“ سان گڏ هردوار، برندابن ۽ ٻين تيرٿ ڌرم آستانن تي به ويا. دادا جن جيون تي مهاتما

ڪارين جي قدرشناسي ڪندي ڪيس ٧ لک رپيا انعام طور ڏنا جيڪي اِنهن سيوا نڪيتن کي شيوا ڪارين لاءِ ارپڻ ڪيا. انهن جي شيوائن جو پرڀاءُ سندن پريوار تي ظاهر ظهور هو. روز صبح جو سندس گهر ۾ نيمت ڪيرتن پرارٿنا ٿيندي آهي. سندس پٽ، پوٽا ۽ نونهر شيوا لاءِ سدا حاضر هوندا آهن، هنن جي شيوا ڪاريه ۾ سوامي پريمداس مهاراج جا گادي نشين واسديو مهاراج، سندس سپتر سنت دنيش ڪمار، پيارو سندر لعل ۽ دادا ليلارام جا سپتر منوهرلعل ۽ بسنت ڪمار ۽ پورو پريوار يوگدان ڏيندو رهيو. هن صاحب بڙودا ڪارپوريشن کان ٺهراوءُ پاس ڪرائي سوامي پريمداس نگر، سوامي پريمداس چؤنڪ نالا رکايا.

هو صاحب هر سال گرديو جي جنم دن جي اُتسؤ ۽ شيوا نڪيتن جي وارشڪ اُتسؤ ۾ داس کي گهرائي سنيه ۽ سنمان ڏيندو هو. شيوا جي صورت ۽ محبت جي مورت دادا ليلارام پرسواٽي ٨٣ ورهين جي عمر ۾ منگل ٢٩ جولاءِ سنه ٢٠٠٣ع شام جو ڇهين بجي سنساري سفر سماپت ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندو رهيو. دادا جو سپنو هو ته پريمداس جلارام هاسپيٽل بڙودا جي سيني کان بهترين هاسپيٽل ٿئي پر سائيي وقت گهرجائن کي رعايتي اگهه ۾ شيوائون ميسر ٿين. سندن جيون اِنسان ذات جي سچي شيوا هئي ۽ سندن مقصد هو، ”ڪلي شيوا ڪيو.“

ڪالونيءَ ۾ سنگرن جي آسيس سان غريب شيوا منڊل برپا ڪيو. سنہ ١٩٦٦ع ۾ هنن سوامي پريمداس شيوا نڪيتن برپا ڪيو. انهن سنستائن دواران هنن سفيد پوش پينرن کي اَن، ڏن جي سهايتا، نياڻين لاءِ ناري شالا، پاٺرن لاءِ مفت پستڪاليہ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سهوليتون ميسر ڪرايون. سوامي پريمداس سيوا نڪيتن دواران عوام جي شيوا جا ڪم آرنڀ ڪيا.

سنہ ١٩٨٨ع ۾ سوامي پريمداس ٻڍا آشرم برپا ڪيو. جتي ٻڍڙن کي سهولتيون ڏنيون ويندون هيون. سوامي پريمداس سنت جلارام هاسپيٽل، جتي تمام رعايتي چارجس سان بيمارين جو علاج ڪيو ويندو هو.

سنہ ١٩٩٣ع ۾ پريمداس جلارام هاسپيٽل جي پڻ اِستاپنا ڪئي. هن جي محنت ۽ سندس دوستن جي ڊونيشن مان جلارام هاسپيٽل ٣٠ بسترن مان ١٠٠ بسترن جي هاسپيٽل طريقي ترقي ڪئي. اِن اسپتال ۾ دادا ليلارام جدا جدا بيمارين جي علاج لاءِ الڳہ الڳہ وڀاڳہ کوليا.

هن صاحب سونوگرافي، پيٿالاجي لئباريٽري، ايمبولنس سروس، Eye care & Surgery، چائيلڊ ۽ مدر ڪيئر جهڙا وڀاڳہ برپا ڪيا. جتي الڳہ الڳہ قسمن جون سهوليتون تمام رعايتي چارجس ۾ ميسر ڪري ڏنيون وينديون آهن جتي هن صاحب چيئرمن تي شيوائون ميسر ڪرايون. دادا سوامي پريمداس ايلڊرس هوم يعني ٻڍا آشرم ۾ يوگا سينٽر، ريڊنگہ لئبرري، برٿڊي سيلبريشن، وندر وڀاڳہ، ٽي. وي.، ريڊيو وغيره وڀاڳہ کوليا.

جپان جي هڪ سنستا دادا ليلارام پرسواٽي جي شيوا

”جنهن کي آتم گيان سامي ڏنو ستگروءَ،
.ڪيو سمتا ساگر ۾، اُلٽي تنهن اسنان،
ممت متائي من جي ٿيو نرمل نر چاڻ،
ڇاٽي سڀ جهان، چمتڪار چيتن جو.“

دادا سدائين پنهنجي ستگروءَ جي شيوا ۾ رهندا هئا ۽ ستسنگ پريہ بڻيا، ڌرم پريہ بڻيا. اُنهن جي پريٽا سان هنن جو ٻيو روپ ظاهر ٿيو سماج جي نربل انگن جي مدد لاءِ هنن جو من تڙقي اُٿيو.

”ڀڳتيءَ منجھہ ڀڳونت، جيئن ڳنڌ ڦولن ۾،
ڪوڙين مان ڪو هڪڙو، سمجھي سنت مهنت،
جو ڪُپت ڪڍي جيءَ مؤن، سامي ٿيو بلونت،
جنهن جو آد نہ اَنت، سو ڏيئو ڏنائن ڏيہ ۾.“

دادا پڪو پرن ڪيو تہ غريبن جي شيوا ئي آهي پرماتما جي شيوا. غريب، گهرجائو، وڌوائون ڀينرن ۽ ماتائن لاءِ روزگار جا وسيلا ڳولهي اُنهن لاءِ ڪم آڻي اُنهن کي روزگار ڏياريو. غريب گهرجائو ڪٽنبن کي هر مهني راشن ڏيڻ روڪڙ مدد ڏيڻ ڏيارڻ جون شيوائون ڏنيون ۽ نيٺ شيوا جي لگن جو ڦل اچ هڪ وڏي شاندار ”سوامي پريمداس جلارام ميڊيڪل ڪامپليڪس“ ۽ ”ٻيا آشرم“ سماج جي شيوا ۾ ڪاميابيءَ سان هلي رهيا آهن.

پڇاڙيءَ ۾ مان دادا لاءِ اِهو چوندس.

”جنم ٿيو سڦلو دادا ليلارام جو، جو ڪيائين يوگہ ڪرم،
جڳہ ۾ رهي بہ رهيو نيارو، پاليائين پنهنجو ڌرم،
سيوڪ بڻجي ڏنائين، ڪرشن هر ڪنهن جي روپ ۾.“

شل سندس سپترن متان ۽ اسان جي متان سندس آسيس تئي جو هنن جي قدمن تي هلون.

# دنيا ۾ رهيو هو دنيا کان نيارو
# ڪنول جيان هو دادا ليلارام پيارو

— لاين هريش جي. ڇيتملاڻي

”مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا،
جيئڻا اڳي جي جيئا، جڳہ جڳہ سي جيئن،
اُهي موٽي ڪين مرن، مرڻا اڳي جي مئا.“

سدا حيات دادا ليلارام پرسواڻي اڄ هن فانيءَ دنيا ۾ ڪونہ آهن پر اسان جي دلين ۾ ۽ انيڪ سماج جي نربل اَنگن ڀينرن ۽ ڀائرن، نوجوانن ۽ ٻڍڙن جي دلين ۾ سدا حيات آهن.

دادا سان منهنجي واقفيت اٽڪل ٥٠ سال اڳہ ٿي هئي. ٻڙودا ۾ مان هڪ ئي سنڌي لکپڙھ ڊرافٽنگہ ۽ ٽائيپنگہ ۾ اڳرو هئس. دادا ليلارام ڀي منهنجو اُپيوگہ ڪندا هئا. مون سان پريم هئن. مون جڏهن ١٩٦٠ ۾ L.I.C. جي ايجنسي ڪنئين تڏهن پنهنجو ۽ ڪٽنب جي سڀني ڀاتين جو ۽ ٻين مائٽن جو بہ ويمو مون کي وٺي ڏيندا هئا.

مون هن جا گهڻا ئي روپ ڏٺا. شروعات ۾ پڪا پختا واپاري ۽ پنهنجي محنت ۽ قابليت سان وڏا اُديوگپتي بڻيا ۽ اُديوگپتين جا رهبر پڻ بڻيا. سنت ڪنور ڪالونيءَ جي رهواسين لاءِ گهڻا ئي سرجناتمڪ ڪم ڪيا ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا سماج سيوڪ بڻيا. گهڻائي سرڪاري ۽ غير سرڪاري عهدا ماڻيان پر سندن شرڌا پنهنجي گرن ۾ اٽوٽ هئي ۽ هميشه سوامي پريمداس صاحبن جي رهنمائيءَ ۾ رهندا هئا.

جا چيئرمن، فيڊريشن آف سمال اسڪيل انڊسٽريز جا ايڪس پريزيڊنٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ پڻ هئا.

دادا ليلارام پرسواڻي ۽ جو سؤڀاڳيه هو جو ٿلهي وارا سنت شرومڻي سوامي پريمداس ڪين گرو روپ ۾ مليا. جن جي اٿاه آشيرواد سان جيون جي هر ڪاريه ۾ هنن سڦلتا حاصل ڪئي. هڪ ڪويءَ چيو آهي ته،

”بيسار بڏا ۽ ٻار آهن پرميشوار جا يار،
تن جي ڪري جو شيوا پائيندو لوڪ پرلوڪ ۾ سکه اپار.“

سچ پچ دادا انهن سٽن کي عملي روپ ڏيئي پنهنجو جيون سڦل ڪيو. (١) هتي ٻارن جي شيوا لاءِ تعليمي سنسٿائن سان جڙيل رهيا ۽ سوامي پريمداس سيوا نڪيتن کولي گهرجائو ٻارن کي ڪتاب وغيره جي مدد ڪئي. (٢) بيمارن جي شيوا لاءِ هنن سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل جي اسٿاپنا ڪئي. جتي هر مرض جو علاج ڪيو وڃي ٿو. ”رت دان“ ۽ ”اکين جي نظر“ جون ڪئمپون لڳايون وڃن ٿيون جتي مفت چشما پڻ ڏنا وڃن ٿا. (٣) ٻڍڙن جي شيوا لاءِ سوامي پريمداس ٻڍا آشرم جي اسٿاپنا ڪئي جتي ٻڍڙا پنهنجي جيون جو رهيل سفر آرام سان پورو ڪري رهيا آهن.

پيارا دادا ليلارام پرسواڻي چوندا هئا ته خلق ۾ خالق وسي ٿو. جي توهان خالق جو درشن ڪرڻ چاهيو ته پهرين خلق جي شيوا ڪريو. ڏنوان هوندي به ڪين ايمان ڪين هوندو هو. هي تن، من ۽ ڌن سان خلق جي شيوا ڪندا هئا، هي سنا سماج شيوڪ پڻ هئا. ڪير به گهرجائو سندن در تان خالي ڪونه ويندو هو، ان جي يٿا يوگ سهائتا ڪندا هئا. گهرجائو استرين کي مشينون

# سوامي پريمداس جا اُپاسڪ
# دادا ليلارام پرسواڻي

”ماڻھون مڙئي نہ سھڻا، پکي مڙئي نہ ھنس،
پر ڪن ڪن ماڻھن منجھہ اچي بوءِ بھار جي.“

سنسار رنگہ منچ آھي. جنھن ۾ ھر انسان ھڪ اداڪار جو رول ادا ڪري رمندو رھي ٿو. پر ڪي اداڪار پنھنجي ادا جي اھڙي تہ ڇاپ ڇڏي وڃن ٿا جو وڃڻ ڪان پوءِ بہ اسان ڪين ياد ڪريون ٿا. ھڪ شاعر سچ چيو آھي تہ،

”اھڙي وڃ ڪرڻي جو دنيا ڪري توکي ياد،
مئي ڪانپوءِ بہ ملڪ ۾ تنھنجو نانءُ رھي آباد.“

دادا ليلارام پرسواڻي بہ پنھنجي ڪرڻي سان جيون جو رول سھڻي نموني ادا ڪري پريوءَ در پڌاريا.

مھان ڪرم يوگي دادا ليلارام پرسواڻي سنڌين جا سچا شيوڪ، ايشور پريمي، سوامي پريمداس جا سچا اُپاسڪ، ھيڻن جا ھمراھ، غريبن جا غمخوار، بيمارن جا ڊاڪٽر ۽ ٻڍڙن جي لٺ ھئا. ھو سدائين مشڪندا رھندا ھئا. سندن ڳالھائڻ ۾ ميناج ۽ پنھنجائپ ھوندي ھئي. ھو پراون کي پنھنجو ڪري ڇڏيندا ھئا. سندن ڪي ھلڻ جو انوکو ڍانءُ ھوندو ھو. اھو ئي ڪارڻ آھي جو انيڪ سماج سيوي سنستائن سان جڙيل ھئا. ھي صاحب سنڌو سيوڪ سنگھہ، سوامي پريمداس ميڊيڪل ڪامپليڪس، شري جلارام ھاسپيٽل، سوامي پريمداس ٻڍا آشرم، سوامي پريمداس سيوا نڪيتن، جي. اين. وي. ھاءِ اسڪول جھڙن انيڪ سنستائن

# سچي جيون

— سرياچند اين گولاٽي

اِها منهنجي خوش نصيبي آهي جو منهنجو جيون تمام سنن، چڱن، مدربن ۽ ڪامل پرشن جي ڇانوَ ۾ گذريو آهي. اُنهن سڄڻن منهنجي جيون جا سنسڪاري خزانا ڀري مون کي مالا مال ڪري ڇڏيو آهي.

مان ١٩٦٥ کان ٽيچرشپ ڪئي. هڪ ڇنڇر جي صبح جو سنت ڪنور ڪالوني جي پنجن ستن بزرگن جن ۾ دادا ليلارام پرسواڻي صاحب پڻ هئا، اسان جي سنڌي اسڪول ۾ آيا. هي صاحب .H.M جي ملاقات بعد سيني ٽيچرن سان پڻ مليا. شري ليلارام صاحب ڏاڍي نمرتا پوروڪ مون کي ٻڌايو تہ مون ۽ منهنجي ياءُ پنهنجا سڀ ٻار جن جا نالا انگريزي اسڪول ۾ هئا، اُن مان ڪڍائي سنڌي اسڪول فتح پورا سنڌي مشر شالا نمبر ٨ ۾ داخل ڪرايا آهن، جو سنڌي اسان جي ماتر ڀاشا آهي، ماتر ڀاشا ۾ ٻارن کي تعليم ملندي تہ هو وڌيڪ ۽ وڌيڪ قابل ٿيندا. سنڌي اسڪول بہ قائم رهندا. سنڌي ڀاشا، سنڌي سڀيتا، سنڌي ورثو قائم رهندو جنهن ۾ سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پڻ وڪاس ٿيندو. اسين سڀ هن اسڪول ۾ اچي توهان کي وشواس ڏيارڻ آيا آهيون تہ ڪوبہ ٻار اسڪولي ڊريس، ڪتابن يا ڪاپين ۽ تعليمي ساڌنن جي ڪري پڙهائي ڇڏي نہ وڃي. اسين ٻارن لاءِ سڀ ڪجھ ڪنداسين. توهان فقط ٻارن کي پڙهائي هوشيار ڪريو. آئوٽرام اسڪول بہ اسان جو آهي، پنهنجو آهي. ست درجا سنڌي اسڪول ۾ پڙهي اٺين درجي ۾ آئوٽرام اسڪول ۾ اچن جتي ٻارن کي سڀ سهوليتون ملنديون. سندن چوڻ ۾ ايتري تہ سچائي ۽ همدردي

ڏيئي آمدنيءَ جو رستو ڪري ڏيندا هئا. غريبن کي هر مهني اناج، تيل ۽ ڪپڙي وغيره جي مدد ڪندا هئا، هنن جي دل ڪشادي هوندي هئي. ان ڪري هو سوين دلين جا پيارا هئا، نه صرف ايترو پر ڪيترن ئي سانسڪرتڪ اُتسوُن ۾ سڀاپتي يا مکيه مهمان جي ڪرسيءَ تي ويهي ڪاريه ڪرم جي شوڀا وڌائيندا هئا.

دادا ليلارام پرسواڻي سماجڪ ڪاريه ڪندي به ڪيڏا نماڻا هئا. دکين دريدرن جا دوست هئا. سادگيءَ جي صورت ۽ همدرديءَ جي مورت هئا. هن صاحب پنهنجي سموري جيون سماج شيوا جي ڪيتر ۾ سڦلي ڪئي. آخر ۾ ۱۹ جولاءِ ۲۰۰۳ ۾ پنهنجو سنسار سفر پورو ڪري پرم ڌام پڌاريا.سندن جيون اسان لاءِ پريرڻا جو سر چشمو آهي. سندن ياد ۾ هڪ شاعر شرڌانجلي ارپڻ ڪندي لکي ٿو ته،

”مؤت تنهنجي زندگي بيشڪ مٽائي ٿو سگهي،
يادگيري پر نه هردي تان مٽائي ٿو سگهي.“

نئنا ڪي. ديوناڻي
رٽائرڊ وائيس پرنسيپال
هري شيوا گرلس هاءِ اسڪول

ڊاڪٽر، فلاسافر ۽ ماهر پرش ڳهرائي اُنهن جو سنمان بہ ڪندا هئا ۽ اُنهن جي جيون جو انيؤ سماج ڪي ڏياريائون جنهن ۾ سنستائن ۽ سماج جو تمام سنو وڪاس ٿيو. سنت ڪنور ڪالوني ۾ پائيپ لائين دواران گئس، هرهڪ گهر ڪي لئٽرن باٿروم، هرهڪ گهر ڪي اڳيان اوپن پلاٽ، جي. اين. وي. اسڪول لاءِ پلي گرائونڊ، پاڻي جي ٽانڪي، رستن تي مهاپرشن جي نالن سان بورڊ، آجوا اندرستي جا شيڊ، غريب وڌوائن ڪي سرڪاري سهايتا، سوامي پريمداس ورڌ آشرم، سوامي پريمداس نگر جا پلاٽ، يوگيہ پرشن جو سنمان، شاگردن لاءِ اسڪالرشپون اهي سڀ ڪاريہ سندن جيون جا چمڪندڙ پهلو آهن. سماج ۽ سنستائن طرفان شري ليلارام صاحبن کي جيون ۾ جيڪي بہ عهدا مليا تن عهدن تي رهي اُن ڪيتر جو چوياري وڪاس ڪيو. اهڙي ڪاريہ شيلتا ڏسي گجرات ۽ انڊيا ليول تي دادا جن ڪي عهدن جي آڇ ٿي. جي يوگيہ سمجهي دادا جن خوب نيئهن سان نڀايو.

سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل اسان سيني سنڌين لاءِ فخر جو وشيہ آهي، جو شري ليلارام صاحب اسان کي ۽ بزودا کي هڪ مهان آڏونڪ، ڪامپيوٽرائيزڊ جديد ساڌنن سان، ماهر ڊاڪٽرن سان، ڪواليفائيڊ ٽرينڊ نرسن سان، ڪُشل اسٽاف سان ۽ قابل ڪاروباري جٿي سان هڪ سمپورڻ سهوليت واري هاسپيٽل ارپن ڪري ويا.

شري ليلارام پنهنجي جيون ڪي نيم سان هلائيندا هئا. سويل سمهڻ، سويل اُٿڻ، صبح ۽ شام جو ورڪ ڪرڻ، سادو کاڌو کائڻ، ڌرم ورتي ڪرڻ، ميلا ۽ ورسيون ملاهڻ، نہ ڏيکاءُ ۽ نہ دهل دماما، حليمائي سان هلڻ، هوريان مٺو مٺو ۽ صاف ڳالهائڻ، ٻئي جي ڳالهہ دِل سان ٻڌڻ، گهٽي گنڀيرتا سان فيصلو ڪرڻ،

پريل هئي جو اڄ تائين شاگردن کي سندن طرفان سڀ ڪجھ ملندو رهندو آهي ۽ هو صاحب ڀريان شخص هئا جن کي سڀ ڪجھ هوندي به آخر تائين پنهنجن ٻارن کي سنڌي ماڌيم ۾ پڙهائي اوچ پد تائين پهچايو.

ناري شالا ۽ سوامي پريمداس سيوا نڪيتن جو وجود اِن ستيہ ڪٿا ۾ ڪوبہ وڏاءُ نہ آهي جو شري ليلارام صاحب پنهنجي جيون ۾ شيوا جو انگ پنهنجي گرو مهراج جن سوامي پريمداس صاحبن جي سنگ مان پراپت ڪيو. اُنهن جي اپار شيوا ڪندي سادگيءَ جي ورتيءَ ۾ رهڻ لڳا. ڪاديءَ جو وڳو تہ سنڌ کان قبول ڪيو هئائون جو سنڌ ديش ۾ رهندي آزاديءَ جي راهن تي هلي مهاتما گانڌيءَ جو قول ڪيو هئائون .

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، دادا جئرامداس دولترام، ڪوي راج دادا هوندراج دکايل جي رنگ ۾ رنڱجي سنت ڪنور ڪالونيءَ ۾ هنن پنهنجي ساٿين سان گڏجي سخت محنت ڪري استري سماج جي وڪاس لاءِ ناري شالا شروع ڪئي ۽ سوامي پريمداس سيوا نڪيتن بہ شروع ڪئي جتي شاگردن کي ڪاليج تائين فري بڪس پڙهڻ لاءِ، غريبن لاءِ آرٿڪ مدد ۽ اناج جا پنڌار ڪوليا. گجرات جون سڀ گجراتي، انگريزي ۽ سنڌي اخبارون گهرائي عام جي پڙهڻ لاءِ رکيون. اهي سڀ شيوائون اڄ بہ چالو آهن. دادا ليلارام پرسواڻي صاحب جو جيون ۾ وڏي وڏو اِهو جس هو جو هنن صاحبن اسڪولن، هاسپيٽل ۽ عوام جي وچ ۾ ڪيترائي سماجڪ فنڪشن ڪيا پر ڪٿي ڪنهن راڄ نيتي نيتا کي ڪون گهرايو. نہ نيتائون گهرايائون نہ وري ڪو لاڀ ورتو. هو صاحب هميشه قابل مدبر، ڌرم گرو، ودوان، وگياني، سماج شيوڪ،

# ڪرم يوگي دادا ليلارام

ـ جمناداس رائچنداڻي

منهنجي ملاقات دادا ليلارام سان ١٩٥١ ۾ بڙودي ۾ تي جڏهن مان پنهنجي شاديءَ جي سلسلي ۾ بڙدا آيل هوس. انهن ڏينهن ۾ منهنجي استريءَ ڪلان جو مامو شري چنديرام بڙودي استيشن ايريا ۾ رهندو هو ۽ ان وٽ ٽلها دربار جي سنت سوامي پريمداس جو ستسنگ چالو هو. دادا ليلارام سوامي پريمداس جن جو پرم ڀڳت هو ۽ سدائين سندس پاڇي وانگر گڏ هوندو هئو. مون کي دادا جي صحبت ۾ ڏاڍو آنند اچڻ لڳو. جيتوڻيڪ ملاقات ٿوري هئي پر ڇاپ هڻي ڇڏيائين. لڳ ڀڳ سال کن کان پوءِ جنوري ١٩٥٢ ۾ منهنجي شادي الهاس نگر ۾ ٿي جتي سوامي پريمداس پڻ آشيرواد ڏيڻ آيا ۽ انهن سان گڏ دادا ليلارام سندس ڀاءُ شري ساڌورام ۽ سندس متر شري سڳنومل آيل هئا. پرم پوڄنيه سوامي پريمداس منهنجي اِستريءَ ۽ منهنجي سهري سيٺ آوتراءِ ۽ منهنجي وڏي سالي شري شامداس جن جا پرم گرو ڪيل هئا.

مان اِهو ڄاڻائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ انهن ڏينهن ۾ دادا ليلارام ڏاڍين ڪنناين ۽ غريبي ۾ هوندا هئا پر انهن جو خيال نہ ڪري ستگرن جي شيوا ۾ پنهنجو من ارپڻ ڪري ڇڏيو هئائون. ٻارن-ٻچن جي پالنا لاءِ هنن بس جي ڪنڊڪٽري بہ ڪئي ۽ ڪجهہ وقت ڪنهن راشن شاپ تي نوڪري پڻ ڪئي پر ستگرن جي هن مٿان هميشه آسيس هوندي هئي ۽ اُنهيءَ جي ڪرپا سان ۽ پنهنجي لگن محنت ۽ سچائيءَ سان دادا ليلارام اوچائيءَ تي پهچي ويا ۽ وڏا ڪارخانيدار ٿي ويا پر نهٺائي ۽ حليمائي ڇڏ اُنهن جو ورثو هئي. ڪهڙو بہ وڏو ماڻهو هجي يان ننڍو ماڻهو هجي دادا ليلارام جي محبت جو موقعو ڪين ڇڏيندا هئا. شيوا ڀاءُ ۾ دادا ليلارام

هي سڀ ڳڻ ۽ سنسڪار هونديِ بہ سندن دِل جي ڏڙڪن ۾ ڪي اُڌما هميشه رهندا هئا تہ پيارا شيوا ڪر، اڃا بہ ڪر، وڌيڪ ڪر ۽ ڪندو رهہ. دادا جن دِل جو آواز پنهنجي گرو مهراج جي شرن وچي سندن چرنن ۾ رکيو. دادا جن سوامي شانتي پرڪاش مهراج جن ۽ دادا جشن واسواڻي صاحب سان دِل جو حال اوريو. جن مهان وِيوتين دادا جن کي چيو، ”پيارا پرسواڻي صاحب! تو اسڪول جو چيئرمن ٿي ڪري ٻارن کي پڙهائي جوت جڳائي. سنڌي ٻولي ۽ تعليم جي راهہ سماج کي ڏيکاري پلو ڪم ڪيو. تو ناري شالا کولي اِستري سماج کي پنهنجي پيرن تي بهاريو. ورڌ آشرم کولي، وڏڙن جي آسيس پراپت ڪئي. غريبن جي لاءِ اناج جا ڀنڊار بہ کولي ڏنا. پيارا هاڻ هڪ اهڙي هاسپيٽل جو نرماڻ ڪر جتي هرڪو پريم وچ وچي صحت مند ٿي ڪري توکي دعائون ڪندو رهي.“

ست وچن چئي مهاپرشن جي آڳيا اکڙين تي رکي ست گرن جي اپار آسيس سان ان ڪاريہ کي لڳي ويا. جنهن بعد ست گرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج جي مبارڪ هٿن سان هاسپيٽل جو بنيادي پٿر وڌو ويو. سماج جي سهڪار ۽ ست گر مهراج جن جي ديا ۽ مهر سان اڄ جا اکين سان سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل جي مهان عمارت ڏسي رهيا آهيون سا سندن جيون جي سچي شيوا جو ڦل آهي. جتان انئي پهر هڪ اِلاهي آواز اچي رهيو آهي پيارا منوهر، پيارا بسنت پياري سماج، پيارا ساٿيو! شيوا ڪريو، اڃا ڪريو، خوب ڪريو، ڪندا رهو، وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪندا رهو.

## آسيس

وچايل محبت موٽي نہ ايندي

محبت چيز مهانگي آهي

سستي نہ سهانگي آهي

**بابا پرسرام**

فقير کي جهوپڙي،

سنت ڪنور ڪالوني، بڙودا

## پوڄنيہ دادا جن جي چرنن ۾ ڀيٽا

— برج لعل جهامناڻي، اجين

پوڄنيہ دادا ليلارام پرسواڻي پنهنجو جيون مانو شيوا ۾ ارپن ڪري ڇڏيو. منش جيون جي سارٿڪتا آهي شيوا ۽ سمرن. پنهنجي جيئڻ لاءِ ڪين آهي، منش اهو جو پاڻ بہ جئي ۽ ٻين کي بہ زندگي گذارڻ لاءِ پورن سهيوگہ ڏي اهي امولیہ گڻ اسان جي پوڄنيہ دادا ليلارام جن پنهنجي جيون ۾ اوتي ڇڏيا.

سندن بڙودا ۾ شروع ڪيل ٻيڙا آشرم ۽ سوامي پريمداس هاسپيٽل مثال آهن. هنن پنهنجي جيون ۾ ڪڏهن بہ اهم نہ ڪيو جنهن جا گهٽيئي مثال آهن.

پوڄنيہ دادا جو سيڻ بمبئي ۾ سيٺ انبومل ٻڌراڻي آهي. جيڪي منهنجا سنڌو بہ آهن. انهن وٽ هڪ شاديءَ جو موقعو هو، جتي اسين ٻئي مهمان هئاسين. اُن وقت جيڪي گهوٽيتا مهمان

ڪيترا ڪارڻ ڪيا. غريبن ماڻهن لاءِ يا وڏوائن لاءِ يا غريبن ٻارن لاءِ ڪيترا ڪارڻ سوامي پريمداس جي آسيس سان ۽ انهنجي نالي سان شروع ڪيائون. ان کان سواءِ غريب ڇوڪرين جي شاديءَ ۾ مدد ڪرڻ يان پڙهائڻ وغيره ۾ هو گهڻو دان بہ ڪندا هئا. جڏهن بہ هو ڪم جي سلسلي ۾ هندستان کان ٻاهر ويندا هئا مون وٽ بمبئيءَ ۾ ضرور بہ ايندا هئا جو منهنجي استري هنن جي گر ييڻ هئي ۽ مان هن جو چاهڪ هوندو هوس. ڪڏهن ست سنگ تي ڪڏهن رشين منين جي ڳالهين کان اوڳت ڪرائيندا هئا. هڪ دفعي هڪ اهڙي رشيءَ جي ڳالهہ ٻڌايائون جو ٻڙودا جي آس پاس جهنگلن ۾ رهندو هو ۽ خوفناڪ جانورن سان گڏ کائيندو پيئندو ۽ رهندو هو. ورلي ڪن سچن ايماندار ماڻهن کي درشن ڏيندو هو ۽ انهن مان ڀاڳوارو دادا ليلارام هڪ هو. ٻڌايائين تہ اهو سنت ڪيس مليو تہ اشارن ۾ ايشور جي مهما بيان ڪري ويا. ڳالهائڻ ايندو بہ هوس پر ڳالهائيندو نہ هو. سندس عمر ملاقات وقت لڳ ڀڳ سؤ سال هئي. سوامي پريمداس دادا ليلارام جو پرم گرو بہ اها هستي رکندو هئو. ديهانت وقت ٩٤ سالن جا هئا. مان ٻڙودا آيو هوس. ٻڙودو سڄو بند تي ويو. ارٿيءَ مهل ريڊيو تان لائيو ڪامنٽري پڻ هئي ۽ جتان جتان ارٿي هلي پئي ماڻهن گهرن مان ڦولن جي برسات لڳائي ڏني. اهڙن ڪامل گرن جو آشيرواد دادا ليلارام جن مٿان هو، مان وقت بہ وقت جڏهن بہ ٻڙودا ايندو هوس تہ دادا ليلارام سان ضرور ملندو هوس.

اچانڪ فون آئي تہ دادا ليلارام هن فاني دنيا کي ڇڏي گرن جي چرنن ۾ وڃي واسو ڪيو آهي. مارڪي تي مان پهچي ويس وڏا معزز ماڻهو آيل هئا ۽ سندس گڻن جي مهما پيا ڳائين. مون کي اُميد آهي تہ هي جيڪو ڪارڻ ڪري ويا آهن يا ڇڏي ويا آهن ان کي سندس اؤلاد وڌائيندو. دادا ليلارام جو اؤلاد بہ سپاتر آهي. شيوا جي ڪارڻ کي سندن اؤلاد چار چنڊ لڳائيندو.

# آدر-انجلي دادا ليلارام پرسواڻيءَ کي

– پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي،

ٻڙودا جي سنڌين جو املهه ماڻڪ، شيوا جو پتلو، هر دِل عزيز ۲۹-۷-۰۲ تي دنيوي ٻنڌنن کان مڪت ٿي سچکنڊ واسي ٿيو. ۲۹-۷-۰۵ تي هن گرو پريمي، ايشور پريمي، سماج پريمي، ڪٽنب پريميءَ جي ٻين ورسي آهي. هن موقعي تي کين (دادا ليلارام پرسواڻيءَ جنکي) آدرانجلي، شرڌانجلي پيش ڪريون ٿا.

دادا ليلارام پرسواڻي نماڻو، نهٺو، فضيلت ۽ مروت جو صاحب هو. هو آگياڪاري شش هو، شيواڌاري پٽ هو، پراتري ڀاوَ سان ڀريل ڀاءُ هو، ڪومل هرديه پتا هو، همدرد مالڪ هو، دل جو وڏو ۽ هٿ جو ڪشادو هو، غريبن لاءِ هڏ ڪرڪندو هوس، ڪنهن جي به دل دکي ڪرڻ نه چاهيندو هو. جيڪي به کين ڄاڻڻ سڃاڻن سي سندس ساک مان ڏاڍيا ئي نٿا. پنهنجن توڙي پراون کي هن پوتر آتما لاءِ عزت ۽ قرب هو ۽ اڄ سڀ کيس سِڪ ۽ شرڌا وچان ياد ڪن ٿا. آدرانجلي ارپڻ ڪن ٿا.

جيڪو انسان آيو آهي سو اوس ويندو، پر دادا ليلارام پرسواڻي اهڙي رهت رهي ويا جو ٻيا اُنهن جي جيون مان پريرڻا پراپت پيا ڪن. ڌنوان هو پر ڌن جو نشو ڪونه هوس، ڪارخانن جو مالڪ هو پر هٺ ڪونه هوس، سنسار جا سڀ پدارٿ وٽس هئا ته به ايمان ڪونه هوس. دنيا جي ڪاروبار ۾ رڌل هو پر من محبوب سان لڳل هوس. سچيار، برد بار، گنڀير ۽ گيانوان هو. جيون ۾ جيڪي ڪري ويو تنهن ۾ ڏيکه ڪونه هو. ماٺ ميٺ ۾، حليمائيءَ ۽ نمرتا سان بنا ڪنهن ديکا ديکيءَ جي سنسار جو وهنوار پورو

آيل هئا جن جي سوا گت ڪرڻ ڪان پوءِ ڪين ڪجهہ ڪائڻ لاءِ ڏيٺو هو. مون ڏنو پوجنيہ دادا جن پنهنجي هٿن ۾ پليٽون کڻي آيل مهمانن کي پئي ڪارايو. ان وقت سندن من ۾ اهو خيال ڪين آيو تہ مان چوڪري وارو سيٺ ٿي ڪري هن نموني جي پيو شيوا ڪريان. مان اهو درشيہ ڏسي دنگ رهجي ويس.

دادا سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ جا تہ اٿاهہ ساگر هئا. سندن انگريزي زبان بہ تمام اثرائتي هئي. وڏن وڏن سيمينارن ۾ سندن وائي اثرائتي هئي. سندن ٻي خوبي اها هئي تہ هو ماڻهن سان انهن جي برابري واري سطح تي ڳالهائيندا هئا. مثلن جي شاگرن سان ڳالهائيندا هئا تہ انهن جي ويو لينٿ تي ڳالهائيندا هئا ۽ جي ڪنهن وڏي ودوان سان ڳالهائڻو هوندو تہ انهن جي ويولينٿ تي ڳالهائيندا هئا.

سندن گهر بہ هڪ آدرشي گهر آهي جتي گهر جا سڀ ياتي نت نيم سان گڏجي ڪري نام ڪندا ڪيرتن آهن.

پوجنيہ دادا ليلارام پرسواڻي انساني چولي ۾ هڪ پوتر آتما هئا نهنا، نماڻا ۽ سدائين ڪل مکہ ههڙا پرش ورلي ملندا آهن.

منهنجي سندن چرنن ۾ وار-وار وندن آهي. منهنجي پريوءَ کي اِها وينتي آهي شل سندن ڪکن شري بسنت ڪمار ۽ شري منوهر لال اِها جوت قائم ڪندا رهندا.

دادا ليلارام پرسواڻي ڪير هئا؟ هو تعليمدان هئا، اُديوڳپتي هئا، سماج سيوڪ هئا، گرو ڀڳت هئا، ايشور پريمي هئا، راڄ نيتا هئا، ڀهوڳٽي پرتيڀا جا مالڪ هئا.

جوتي جوت سمائڻ کان ڪجهه مهنا اڳ مون دادا جن کان پڇيو ته ڪيئن آهيو؟ جواب ڏنائون، ''مان ته مست آهيان پر وستر پراڻو ٿي ويو آهي. وستر مٽجڻ جو وقت اچي ويو آهي.'' ڪهڙا نه درويشي ويچار!

الڳ الڳ ماڻهن دادا ليلارام پرسواڻيءَ جي جيون کي الڳ الڳ نموني ڏنوءَ بيان ڪيوءَ آدرنجلي ڏني.

* ليلارام جن جي هر لفظ ۾ هئي سچائي،
هن کي نه هئي هر گز ٻيائي،
وقت جي قيمت نه وڃايائين اجائي،
ڪيائين ڪنهن سان به نه بي وفائي.

* آيو جيڪو دادا در تي سوالي،
ڪڏهن به ويو نه هتين خالي،
گرن سان ڪڏهن نه ڪئي جدائي،
هئي هن ۾ رتي ماتر نه وڏائي.

* جي گهڙيا سي چڙهيا، اصل ائين آهه،
گهڙئين پيارا گهيڙ ۾، ڪا نه ڪيئه پرواهه،
تپو ڏنئه، تپي ڏنئه، شيوا جي درياهه.
صدقي ڪيئه ساهه، چا گهوريان سهڻا تو مٿان؟

* پيارا دادا، تو کي بار بار نمسڪار،
ڪڏهن ڏيندو ڏاتار اسان کي تو جهڙو يار!

ڪري ويو ۽ پريتم جو پيار بہ هٿ ڪري ويو. اهڙي مهان آتما کي آدرانجلي، شرڌانجلي.

دادا اڪ وارو هو. ڳولهيندي بہ اڪ آهي. سڃاڻندي بہ اڪ آهي. اڪ واري کي صراف چوندا آهن. باقي ملڪ ۾ خلق ڳ هٽي آهي. هيرن جي پرکہ صراف کي ئي پوندي.

سوامي پريمداس سندن گورو هئا. گرن ۾ سندن اٽل وشواس هو. اڪ ڀڌل هئس گرو پريمداس سان. درويشن جو چوڻ آهي-پلي اڪ نيراني تئي پر ڀڌل پلي آهي صورت گروءَ جي سان. گرن ئي کيس سيکاريو - هٿ هاج ۾ دل يار ڏي. اُٽڻ رب جي لڳل هجي.

ڪنهن درويش دهلو لوه جو ڏنو بر ۾. دهلي کي کولي ڏنائين تہ ڪپڙا پيا آهن تهہ ٿيل. ڪپڙن جا تہ کوليائين تہ ڏسي تہ پارس پيو آهي. درويش چيو پارس کي تہ لوه جي واسطي آهين. هن کي سون نٿو ڪرين؟ پارس چيو تہ جي تون سالڪ آهين تہ تهہ چڪ. لوه مون سان نڪري خبر پوي.

گرن جي سپرش سان دادا سچو سون بڻجي پيا.

دادا ليلارام پرسواٽيءَ فقير مان فقير بڻجي پيا. فقير (پينوُ) هئا گروءَ جي ۽ پريوءَ جي در جا. اينري ڪمائي ڪيائون جو فقير (درويش) بڻجي پيا.

مر تہ موچاري تئين، ويهي لاءِ مَ وير،
توڙي نہ لهين پير، تہ بہ راه نہ ڇڏج رب جي.

# شرڌانجلي

اسان جا پوڄ دادا ليلارام پرسواڻي جن هر دل جا دوست، من جا محبوب، روح جا راڻا هئا. سندن من ۾ گروءَ لاءِ اڻل شرڌا ۽ پريم هو. هنن جيون ۾ سد گرهست بڻي گُروءَ جي خوب شيوا ڪئي. گروءَ جي شان ۾ گروءَ جي نالي تي ڪيئي ڪاريه ڪيا. ناري شالا، ٻڍا آشرم، اسپتال سهڻي نموني بڻائي سماج جي خوب شيوا ڪئي. هو سچا ڪرم يوگي بڻيا. سدائين سنجم سان هلندا هئا. ڪوشش ڪري پنهنجي سڄي جيون ۾ تندرست رهيا. بيماريءَ کي ويجهو اچڻ نه ڏنائون، وڏي عمر ۾ به اسپتال ۾ وڃي شيوا ڪندا هئا.

سماج ۾ هر طرح نينهن نڀائيندا هئا. اسڪول ۾ سکيا علم جي پاسي ٻارن جي پاسي به خوب ڌيان رکندا هئا. اهڙي پوڄ دادا جن کي اسان سڀني جو پرڻام.

شيوا ۾ :-

**داس اشوڪ پرڪاش**

پريم پرڪاش آشرم، بڙودا

* تصور تنهنجو ڪندي، اکيون آب وهائين،
اي پيارا دل آرام دادا ليلارام.

* دنيا هن مان لڏي دلدار دوستدار هليو ويو،
پرت ۽ پيار سان نالو ڪري روشن هليو ويو.

* اِرادو نيڪ ۽ محڪم، برد باري هئي هن ۾،
دلاور يار دانشمند، سداچاري هئي من ۾،

دادا جن مرتيوءَ تي ڪٽنبين، رشتيدارن، مترن ۽ سڀاڻپ وارن کي ڪيڏو نه ڏکه ٿيو!

نر رُنو، ناريءَ رُنو، هرهڪ رنو هن کي ڇڏي.
آخر ۾ مان اِها ڪامنا ڪندس -
اي دادا!
شال سدا ايشور جي گود ۾ آرام هجو!
شال سدا ايشور جي ڌيان ۾ لئه هجو!

هيءَ آهي اسان جي دادا جن کي آدرانجلي، شرڌانجلي.
هري اوم تت ست.

جولاءِ - 2005

# شوڪ پرستاءُ

شري لڏارام سنڌ هندو هائر سيڪنڊري اسڪول (بڙودا) جي اسٽاف جو هي ميڙ سنڌي جاتيءَ جي اڳوان، برک تعليم دان ۽ اُديوگپتي شري ليلارام پرسواڻيءَ جي 30-7-03 تي پرلوڪ پڌارجڻ تي هاردڪ افسوس جو اظهار ڪري ٿو.

دادا ليلارام پرسواڻي جلارام هاسپيٽل جا چيئرمن Elders Home جي پريرڻا ۽ جي. اين. وي. هاءِ اسڪول جا پرمک هئا. بڙودا جي ڪيٽرين ئي سنستائن سان جڙيل هئا. دادا ليلارام جن شيوا جا مجسم هئا. هو نمرتا جي مورت هئا. سنڌين جو شان هئا. بڙودا جي سنڌين ۾ املهه رتن هئا. سندن سماجڪ ۽ تعليمي شيوائون سماج کي هميشه ياد رهنديون.

اسين سندن ڪٽنب پريوار جي ڀاتين کي همدردي ڏيون ٿا ۽ ايشور در پرارٿنا ڪريون ٿا تہ دادا جن جي آتما کي پنهنجي چرن ڪملن ۾ جاءِ ڏئي.

هري اوم شانتي - شانتي - شانتي

جي. وي. مورجاڻي
پرنسيپال، لڏارام هاءِ اسڪول
31-7-2003

# مهان ڪرم يوڳي دادا ليلارام پرسواڻي

پوڄنيہ دادا جي پهرين پنيہ تٿي نمت پريمداس جلارام هاسپيٽل ۾ نوان چاهي جهونا ڪيس مفت ڪڍيا ويا. اُن کان سواءِ لئباريٽري ٽيسٽ، ايڪس ري ۽ ٻي طبيبي تپاس لاءِ ڍهہ سيڪڙو راحت ڏني ويئي.

مؤت تنهنجي زندگي بيشڪ مٽائي تو سگهي،
يادگيري پر نہ هردي تان مٽائي تو سگهي.

دادا ليلارام غريبن، بيمارن اناٿن، اپاهجن ۽ ٻڍڙن جي شيوا ڪري پئي رام کي ليلايو ۽ آخر ۾ سيني کي رام رام ڪري رام جي ليلا کي سِرَ تي رکي 29 جولاءِ 2003 رام گهر پڌاريو.

سنڌين جو سچو سيوڪ هو دادا ليلارام
ڪرم يوڳي، ايشور پريمي هو دادا ليلارام
پريمداس جو اُپاسڪ، ڪرم ڌرم جو چاٽو هو دادا ليلارام
بيمارن جو ڊاڪٽر ۽ ٻڍڙن جي لٺ هو دادا ليلارام
غريبن جي روٽي ۽ نٻلن جو ٻل هو دادا ليلارام
گياني ڌياني، تياڳي ۽ وئراڳي هو دادا ليلارام
سنڌين جو سچو دوست، سچو رهنما، سچو اڳوان هو دادا ليلارام
لياقت ۽ قابليت وارو عالم ۽ ڪامل هو دادا ليلارام
ڪرو يوڳي، نئين يڳہ جو رشي روپ هو دادا ليلارام
پريمداس جلارام اسپتال جو نرماتا هو دادا ليلارام
ٻڍڙن جي سهاري لاءِ ٻڍا آشرم جو نرماتا هو دادا ليلارام
انڌن ۽ اپاهجن جو سچو شيوڪ ۽ مددگار هو دادا ليلارام

اهڙي ڪرم يوڳي جي پنيہ تٿيءَ نمت غريبن جي شيوا ۽ ستسنگہ ڪيرتن جو پروگرام سوامي پريمداس نگر (وارشيا ڪالونيءَ) ۾ شرڌا، پريم ۽ ڌام ڌوم سان ملهائي ويئي.

پروفيسر ايڇ. پي. ٿُلا

# شرڌانجلي

برادرم بسنت لعل،
برادرم منوهر لعل،

دادا ليلارام جي ديهانت جو ٻڌي صدمو پهتو. منهنجو توهان جي پريوار سان هميشه گهاٽو سنٻنڌ رهيو آهي ۽ دادا جو وشيش پيار ۽ آشيرواد منهنجي مٿان رهيو آهي. جنهن کي وسارڻ منهنجي لاءِ ناممڪن آهي.

سمست سماج لاءِ ۽ خاص ڪري سنڌي سماج لاءِ دادا جون ڪيل شيوائون وسرڻ جون نه آهن. نيڪ دل، رحم دل پيار جو ساگر دادا اڄ اسان جي وچ ۾ نه آهي. سندن نيڪ راه تي اسين ۽ توهين هلون اهڙي پريو سد ٻڌي ۽ شڪتي ڏئي، اها ئي يوگيه شرڌانجلي ٿيندي.

توهان جي مٿان ته دادا پريوار جون جوابداريون ٻه ڇڏي ويا آهن ۽ استاپت ڪيل سماج سيوي سنستائن جون جوابداريون ٻه. ايشور توهان کي شڪتي ڏئي جيئن سڀ جوابداريون نباهي سگهو. ناچاڪائيءَ سبب پڳڙين جي رسم تي اچڻ ۾ اسمرٿ آهيان. اچي ڪڏهن ٻه شرڌانجلي ڏيندس.

پيار مان :-
امر دولتاڻي
پريزيڊنٽ

# شوڪ ٺهراءُ

شري بسنت رام پرسواڻي صاحب ۽ پريوار،

پياري دادا ليلارام جن جي اوچتي ديهانت جي خبر ٻڌي اسان سيني کي دک پهتو. سرڳواسي هڪ ڪلمک، ديرينو، دوراندیش، دان وير، سماج شيوڪ، ديالو، نماڻا، دکين جي دک ۾ سک ڏيندڙ، استرين جو اُڌار ڪندڙ، ڪرم وير شخص هئا. جنهن جي سهڻي صورت اڄ بہ اکين کان پري نہ ٿي ٿئي.

جيڪو شخص هن دنيا ۾ اچي ٿو. اُن کي هڪ نہ هڪ ڏينهن هلڻو آهي. مالڪ جي مرضي جي آڏو ڪير بہ اچي نٿو سگهي.

جي. اين. وي. پريوار ايشور در اِها ئي پرارٿنا ڪري ٿو تہ شل ايشور، پياري دادا جي آتما کي شانتي بخشي ۽ پنهنجي چرنن ڪملن ۾ جاءِ ڏئي ۽ سنسار جي چؤراسي چڪر کان مڪت ڪري. پريو توهان ۽ توهان جي ڪٽنب پريوار، عزيزن ۽ مترن کي هن دک سهڻ جي طاقت ڏئي.

**آنند ايس. راولاڻي**

پرنسيپال جي. اين. وي. هاءِ اسڪول

# شرڌانجلي

شري بسنت رام پرسواڻي صاحب ۽ پريوار،

پوڄيہ دادا ليلارام پرسواڻي جن ڪڏهن بہ پنهنجي لاءِ، پنهنجي ناليءَ لاءِ ڪون جيئا. اِهو ئي ڪارڻ آهي تہ هو هڪ ڪرم يوگي ماڻهو هئا. اُنهن جي انيڪ شيوائن جي لاءِ بڙودا جي سماج ۽ بڙودا جي ٻاهر بہ اُنهن جي ست ڪرمن ۽ يوگي سڀاءُ کي ياد ڪيو ويندو. پوڄيہ دادا ليلارام پرسواڻي جن جي ڪمن کي اڳيان وڌائيندي انيڪ پريوار اُنهن کان پريرڻا وٺي رهيا آهن. هي اُنهن جي ساڌنا، ڪروڻا، ڀڳتي، پريرڻا، آشيروادا جوئي ڦل آهي. مانو ڪان مهامانو، ديو دوت کان ديو سروپ ٿيل شري ليلارام پرسواڻي جن جي پاون چرنن ۾ نمن.

شيوا ۾ :-
داس روچل ناگراڻي
آگرا

# شرڌانجلي


شري بسنت رام پرسواڻي صاحب ۽ پريوار،

منهنجو پياري ۾ پيارو متر شري ليلارام پرسواڻي جنهن سان منهنجو ٤٥ سالن کان وني مترتا جو ناتو رهيو هو. جتي ڪٿي ٻئي گڏ هوندا هواسين پوءِ چاهي شادي هجي يا غمي. 1970 ۾ expo 70 ڏسڻ لاءِ جپان ٻه ٻئي گڏ ئي ويا هواسين. ۽ اتي جڏهن ٻه گهمڻ ويندا هئاسين پائو ليلارام نوٽ وٺندو هو. پوءِ انهن نوٽن جي ذريعي جپان ياترا نالي هڪ ڪتاب ڇپايائون اهو ايترو ته سنڌي سماج ۾ لوڪ پريه ٿيو جو وري ٻيهر ڪتاب ڇپائڻو پيو. نمرتا ۽ سماج شيوا ڪو هن وٽان سکي. ان لاءِ ڪيترين ئي سماج شيوا سنستائون هن برپا ڪيون جهڙوڪ سوامي پريمداس شيوا نڪيتن، سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل، ٻيا آشرم وغيره.

انت ۾ پريوءَ در پرارٿنا آهي ته ايشور سندن کي پنهنجي چرنن ۾ شرن ڏئي

شيوا ۾ :-

دؤلت رام ٻڌواڻي





On the occasion fo momento Presentation for Self less Lifetime achievement award to Dada Lilaram Purswani by Shri Pratap Ramchandani.



From left Mr. Jonah Sherman Mrs. Joan Sherman Senior consultants United way International USA. Madam from United Way Baroda Dr Pradeep Pandya, Pujya Dada Shri Lilaram Purswani, Ch. cum Mg. Trustee, Premdas Jalaram Hospital

# شردانجلي

پرم پوڄنيہ پرسواڻي پريوار،

لکنون چکر ياتا ڪئمپ، رامست چنديرام گدواڻيءَ ۽ سمست پوڄيہ سنڌي پئنچات جي واچٽي.

ٻيو تہ پوڄيہ دادا ليلارام پرسواڻيءَ جو سماچار ٻڌي ڪري پوڄيہ سنڌي پئنچات جي ميمبرن کي ڏاڍو دکہ ٿيو.

پياري دادا ليلارام پرسواڻيءَ سنساري ياترا پوري ڪري پربوءَ جي چرنن ۾ واسو ڪيو. هن سنسار ۾ جيڪي بہ مهاپرش آيا آهن اُنهن کي هڪ ڏينهن وڃڻو آهي، پر داد پرسواڻي جي ڪمي هميشه اسان کي ياد ڪندي رهندي. سياءَ سان پراُپڪاري هئا. دادا جن جي مارگہ درشن ۾ سوامي پريمداس شيوا نڪيتن ۽ هاسپيٽل ۾ فنڊ ڪٺو ڪري ٽرسٽ جي شان وڌائڻ ۾ ساراه جوڳو سهيوگہ دادا ليلارام جن جو آهي.

هن سنسار ۾ پراُپڪارين ۽ شهيدن کي سڀ ياد ڪن ٿا اُنهيءَ پرڪار سان دادا جن جي نہ هجڻ جي ڪمي پوڄيہ سنڌي پئنچات کي ٿيندي رهندي.

پوڄيہ سنڌي پئنچات سماچار ٻڌي ترت ئي ڪاروباري ميٽنگہ گهرائي، دادا ليلارام کي ٢ منٽ مؤن شردانجلي ڏيئي ايشور کي پرارٿنا ڪئي تہ اسان جي دادا ليلارام پرسواڻيءَ کي پنهنجي چرنن ۾ جڳهہ ڏيندا ۽ پرسواڻي پريوار کي دکہ سهڻ جي شڪتي پردان ڪندا.

گڏ ئي گڏ پرسواڻي پريوار ۽ سکہ سنگت دادا جو پٽ اپنائي شيوا جا ڪاريہ ڪندا رهندا.

شيوا :

**شري چنديرام گدواڻي**

**۽ سمست سد سيد چکر ياتا**




On the eve of visit of Hon. Guest at GNV High School from left sitting Shri Gyanchand Arya, Shri Sugnomal Shamnani, Shri N. N. Lalchandani NRI, Dada Lilaram Purswani Standing President GNV High School, Boaroda. Dr. H. J. Karamchandani, Shri U. P. Golani



On the Occasion of Birthday celebrations of Swami Premdas Maharaj in the year 1998 Dada Lilaram Purswani Garlanding Chief Guest Shri K. N. Parwani Poona (NRI)



From Left Mrs. & Mr. B. H. Melwani from Singapore Dada Lilaram Purswani Dada C. K. Shahani, Dr. Pradeep Pandya.



Mr. Arjun Asrani Visited Premdas Jalaram Hospital, Lightning lamp for inauguration of pediatrician Department Donated by IndusInd foundation N. Delhi Dt. 28-11-1997 from left Shri Manohar Purswani, Dadaji Lilaram Purswani, Mr. Arjun Asrani, Dr. Pradeep Pandya, Mr. U. P. Golani.




Service to Poor at Swami Premdas Seva Niketan S. K. Colony Baroda.
From Left Shri Srichand Khiyani, Dada Lilaram Purswani, Shri Rajkumar Gwalani, Shri S. K. Bedi, Shri Rikesh Desai, Shri Gobindram Belani.




Dada Lilaram Purswani Presenting Bouquet to Dr. Ram Baxani of Dubai
From Left pujya Dada Lilaram Purswani, Dr. Ram Baxani, Dr. Pradeep Pandya, Shri Manohar Purswani, Kum. Tulsi Notani.